ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 24 نومبر 2025ع 02 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (101)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

قومي ۽ پنجاب اسيمبلي جي 13 سيٽن تي ضمني چونڊ، سخت مقابلا، نواز ليگ ميدان ماري ورتو

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ 9 مئي 2023 جي پرتشدد واقعن ۾ مبينا طور ملوث هجڻ تي نااهل قرار ڏنل ميمبرن جي خالي ٿيل سيٽن تي ٻيهر چونڊ ڪئي وئي

قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 18 هري پور، اين اي 96 فيصل آباد، اين اي 104 فيصل آباد، اين اي 129 لاهور، اين اي 143 ساهيوال ۽ اين اي 185 ڊيرا غازي خان ۾ پولنگ ٿي

پنجاب اسيمبلي جي تڪ پي پي 79 سرگوڌا، پي پي 87 ميانوالي، پي پي 98 فيصل آباد، پي پي 115 فيصل آباد، پي پي 116 فيصل آباد، پي پي 203 ساهيوال ۽ مظفر ڳڙهه ۾ چونڊ ٿي

غير سرڪاري ۽ غير حتمي نتيجن موجب اين اي 185 ڊي جي خان جي تڪ تي ن ليگ اميدوار محمود قادر لغاري 40,527 ووٽ ۽ پ پ اميدوار سردار دوست کوسا 19,008 ووٽن حاصل ڪيا

لاهور جي سيٽ 317 پولنگ اسٽيشنن ۾ ٽرن آئوٽ 17.24 سيڪڙو رهيو، ن ليگ اميدوار حافظ محمد نعمان 59,427 ووٽن سان پهرين نمبر تي ۽ آزاد اميدوار ارسلان احمد 27,277 ووٽ حاصل ڪيا

ساهيوال، هري پور، فيصل آباد، مظفر ڳڙهه، ميانوالي، سرگوڌا، ڊيرا غازي خان جي تڪن تي زبردست مقابلن بعد نواز ليگ جي اميدوارن ميدان ماري ورتو، خوشي ۾ جشن

اسلام آباد (م د) قومي اسيمبلي ۽ پنجاب اسيمبلي جي 13 سيٽن تي ٿيندڙ ضمني چونڊن ٿي گذريون. ضمني چونڊن لاءِ پولنگ جو عمل صبح 8 وڳي کان شام بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: ن ليگ جا ڪارڪن ضمني چونڊن ۾ پنهنجي اميدوارن جي ڪاميابي تي جشن ملهائي رهيا آهن

ضمني چونڊون پرامن هيون، سڄي دنيا ۾ چونڊ پيچڪڙيون ٿينديون آهن، سڪندر سلطان راجا

هن اليڪشن ۾ نمبر گيم ۾ ڪا به تبديلي نه آئي جنهن ڪري عوام جي دلچسپي گهٽ هئي

مختلف هنڌن تي چونڊن دوران ضابطه اخلاق جي پيچڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وئي آهي

مڪاني چونڊن ۾ به هڪ وزير ۽ هڪ اميدوار کي ضابطا اخلاق جي پيچڪڙي ڪرڻ تي نااهل قرار ڏنو ويو هو

اسلام آباد (م د) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا چيو آهي ته اڄ جون ضمني چونڊون تمام گهڻيون پرامن هيون بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

تيجس جهاز حادثي پارٽ جي روانگي واپار جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو

دبئي ۾ ايئر شو دوران جهاز تباهه ٿيڻ تي ڀارتي فضائيه جي عالمي سطح تي بدنامي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) دبئي ايئر شو ۾ تيجس جنگي جهاز جو ڪرڻ ڀارت جي دفاعي طور پاڻيرو ٿيڻ ۽ روانگي واپار جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان فرنيچر ڪائونسل جو وفد 5 ڏينهن جي دوري تي چين روانو

لاهور (اي پي پي) پاڪستان فرنيچر بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت هڪ ڀيرو ٻيهر تحريڪ انصاف کي ڳالهين جي آڇ ڪري ڇڏي

اسان اڄا تائين سياستدانن کي گڏ ويهڻ ۽ ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ جي حق ۾ آهيون: رانا ثناءُ الله

عمران خان ڪڏهن به سياست نه ڪئي آهي اهو ملڪ ۽ قوم جي بدقسمتي آهي ته ڪيس اقتدار ۾ آندو ويو

جمهوريت ڳالهين ذريعي اڳتي وڌندي آهي. هڪ شخص جيل ۾ ويهي ملڪ ۾ انتشار پکيڙڻ چاهي ٿو

فيصل آباد (م د) مسلم ليگ (ن) جي سينيٽر رانا ثناءُ الله هڪ ڀيرو ٻيهر حڪومت جي طرفان مخالف ڌر پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) کي ڳالهين جي آڇ ڪئي آهي فيصل آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي رانا ثناءُ الله چيو ته: "اسان بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

بيلم: ماحوليات جي وفاقي سيڪريٽري عائشه حميرا مورياڻي ماحوليات بابت ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهي آهي

سعودي عرب جو آئل ٽينڪر 90 هزار ٽن ڪچو تيل کڻي شام پهچي ويو

شام جي مقامي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪچو تيل امداد طور موڪليو ويو

علائقائي طاقتون شام سان پنهنجي لاڳاپن جي تجديد ڪندي مدد جي ڪوشش ۾ آهن

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جو آئل ٽينڪر 90 هزار ٽن ڪچو تيل کڻي شام پهچي ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

غيرقانوني عالمي مالياتي وهڪري تي ضابطو آڻڻ اهم آهي: سعودي پرڏيهي وزير

دنيا ۾ عالمي سطح جا چيئلينجز مسلسل هم آهنگي جي تقاضا ڪن ٿا

سعودي عرب مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري کي هٿي وٺائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي

جوهانسبرگ (اي پي پي) سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان چيو آهي ته غيرقانوني عالمي مالياتي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آمريڪي وارننگ بعد 6 ايئر لائينز وينزويلا لاءِ پنهنجون اڏامون رد ڪري ڇڏيون

هسپانيه، پرتگال، چلي، ڪولمبيا، برازيل ۽ ٽرينيڊاڊ ۽ ٽوباگو ايئر لائينز اڏامون رد ڪيون

آمريڪا پاران سيڪيورٽي صورتحال ۽ وڌندڙ فوجي سرگرمين سبب غيرمعمولي خطرن جو خدشو ظاهر ڪيو ويو

ڪراڪس (اي پي پي) آمريڪي فضائي اداري طرفان وڌندڙ فوجي سرگرمين ۽ خطي ۾ آمريڪي فورسز جي وسيع مقرري کي نظر ۾ رکندي خبردار ڪرڻ کان پوءِ 6 ايئر لائينز وينزويلا لاءِ پنهنجون اڏامون رد ڪري بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ يورپي يونين افغانستان کان دهشتگرد تنظيمن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

برسلز ۾ ٿيندڙ اجلاس جي گڏيل صدارت نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ يورپي يونين جي سفارتڪار ڪايا ڪالاس ڪئي

اجلاس ۾ علائقائي امن، استحڪام، خوشحالي ۽ پاڙيسري ملڪن سان ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ جو عزم

افغان اختياريون انساني حقن، خاص طور عورتن، ٻارن ۽ حساس طبقن جي حقن جو تحفظ يقيني بڻائين: مطالبو

اسلام آباد (م د) پاڪستان ۽ يورپي يونين هڪ گڏيل بيان ۾ افغانستان کان مطالبو ڪيو آهي ته هو پنهنجي سرزمين تان ڪم ڪندڙ دهشتگرد تنظيمن خلاف ڪارروائي ڪن ۽ انساني حقن جي تحفظ کي يقيني بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

عوامي مسئلن جي حل ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ ادارن کي فعال بڻايو پيو وڃي: يوسف رضا گيلاني

ملتان ۾ ملڪ ارشد مهي طرفان وقتي صدر جي مان ۾ آجياڻي جو بندوبست ڪيو ويو

شرڪت ڪندڙن تڪ جي مسئلن، ترقياتي رٿائن ۽ سماجي صورتحال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي

تقريب ۾ اڳوڻي ايم پي اي سيد احمد مجتبيٰ گيلاني، سيد ابوالحسن گيلاني سميت ٻين شرڪت ڪئي

ملتان (اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني جي مان ۾ ڪالهه ملڪ ارشد مهي طرفان آجياڻي جو بندوبست ڪيو ويو جنهن ۾ وقتي صدر خصوصي طور شرڪ ڪئي ان موقعي تي تڪ جي اهم سياسي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ملتان: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني موسيٰ پاڪ جي مقبري جي توسيعي ڪم جو معائنو ڪري رهيو آهي

وفاقي آئيني عدالت ۾ نئين ڳاج ڊيم جي تعمير بابت اهم ڪيس جي ٻڌڻي اڄ ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اليڪشن ڪميشن اين اي 18 جي نتيجي چونڊ ۾ ووٽرز طرفان بيلٽ پيپرز سوشل ميڊيا تي وائرل ڪرڻ جو نوٽيس ورتو

هري پور (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

آمريڪي بينڪ پاڪستان، مصر ۽ يورپ ۾ منصوبن لاءِ 100 ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪندي: برطانوي اخبار

سيڙپڪاري اهم معدنيات، ايٽمي توانائي ۽ ايل اين جي جي سپلاءِ چين کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ڪئي ويندي

پاڪستان ۾ ريڪوڊڪ کي 1.25 ارب ڊالر جو قرض ڏنو ويندو ۽ مصر کي 4 ارب ڊالر جي قدرتي گئس لاءِ ڪريڊٽ انشورنس گارنٽي ملندي

سيڙپڪاري جي پهرين قسط ۾ مصر، پاڪستان ۽ يورپ ۾ منصوبا شامل هوندا: بينڪ چيئرمين جان يوواڇ

ڪراچي (م د) آمريڪي ايڪسپورٽ امپورٽ بينڪ پاڪستان مصر ۽ يورپ ۾ منصوبن لاءِ 100 ارب ڊالر جي سيڙپڪاري جو اعلان ڪيو آهي هڪ برطانوي اخبار موجب آمريڪي بينڪ پاڪستان مصر ۽ يورپ ۾ منصوبن لاءِ 100 ارب ڊالر جي سيڙپڪاري ڪندي آمريڪي بينڪ اهم معدنيات، ايٽمي توانائي ۽ ايل اين جي جي سپلاءِ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

عوامي نيشنل پارٽي خيبر پختونخوا پاران ارباب الله يار خان جي والده جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

پشاور (اي پي پي) عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) خيبر پختونخوا جي صدر مياں بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پوتا ماحول کي ڏڍو رکن ٿا ۽ گرمي جي شدت کي گهٽائين ٿا: مملڪتي وزير ملڪ رشيد

آئيمين ۽ گهرن ۾ وڻ لڳائڻ سان فضا ۾ رونقون بحال ٿيڻ سان گڏوگڏ خوبصورتي ۾ واڌ ڪن ٿا

اڄ سڀ گڏجي عهد ڪريون ته پنهنجي حصي جا وڻ به لڳائينداسين ۽ انهن جي حفاظت ڪنداسين

قصور (اي پي پي) نيشنل فوڊ سيڪيورٽي اينڊ ريسرچ واري مملڪتي وزير ملڪ رشيد احمد خان ايم اين اي مياں سعد وسيم شيخ ۽ ڊپٽي ڪمشنر عمران خان قصور ۾ وڻ لڳائڻ واري مهم جي شروعات بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي پاران سڄي ملڪ ۾ جلسا ۽ ڌرڻا هڻڻ جو اعلان ۽ سياسي سڏارن جو مطالبو

سنڌ، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ به اشرافيه قابض آهي، جنهن خلاف تحريڪ هلائڻ ضروري آهي: حافظ نعيم

آئيني ترميمن کي رد ڪريون ٿا، آئين کي تباهه ڪرڻ جي هر ڪوشش خلاف پوري مزاحمت ڪئي ويندي

ڪشمير ۽ فلسطين اسان جون ريڊ لائينون آهن، انهن تي ڪوبه سمجهوتو قبول نه ڪنداسين: لاهور جلسي کي خطاب

لاهور (م د) امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان "بدلي ڇڏيو نظام" تحريڪ جي ڊسمبر ۾ سڄي ملڪ ۾ جلسا، جلوس ۽ ڌرڻا منعقد ڪرڻ جو اعلان ۽ سياسي سڏارن جو مطالبو ڪندي هن چيو ته اختيارن کي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

لاهور: جماعت اسلامي جو امير حافظ نعيم اجتماع کي خطاب ڪري رهيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف ڪابينا جي اقتصادي رابطا ڪميٽي جي ٻيهر جوڙجڪ ڪري ڇڏي

خزاني وارو وفاقي وزير ڪميٽي جو چيئرمين هوندو نئين سر جوڙجڪ جو نوٽيفڪيشن جاري

سيڙپڪاري بورڊ وارو وفاقي وزير قيصر احمد شيخ کي اي سي سي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو

نئين سر جوڙجڪ کان پوءِ اقتصادي رابطا ڪميٽي ميمبرن جو تعداد وڌي 8 ٿي ويو

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف ڪابينا جي اقتصادي رابطا ڪميٽي (اي سي سي) جي ٻيهر جوڙجڪ ڪئي آهي جنهن ۾ خزاني وارو وفاقي وزير ڪميٽي جو چيئرمين رهندو اطلاعن موجب وزيراعظم بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ ڪارروائين دوران وڌيڪ 22 هزار 94 غيرقانوني پرڏيهي گرفتار

اقامه، ليبر ۽ سرحدي قانون جي پيچڪڙي تي غيرقانوني پرڏيهين کي سرڪهو ڪيو ويو

غيرقانوني طور سعودي ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 867 ڄڻن کي به گرفتار ڪيو ويو

رياض (اي پي پي) سعودي عملدارن هڪ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ٽيرف ۽ سيڙپڪاري ذريعي پرڏيهي ملڪن کان ڪيترين ڊالر وٺي رهيا آهيون: ڊونلڊ ٽرمپ

انهن معاشي قدمن عيوض آمريڪا دنيا ۾ اڳ کان وڌيڪ مضبوط ۽ باوقار ٿي چڪو آهي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته اسان ٽيرف ۽ سيڙپڪاري ذريعي پرڏيهي زمينن تان بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

حڪومت آءِ ايم ايف جي مطالبي تي بجيٽ کان هٽي خرچن جي آڊٽ جو شرط مڃي ورتو

ٻن ڏينهن جي اجلاس ۾ حڪومتي معاشي ٽيم سان بجيٽ عمل جي مقصدن جي عملدرآمد جو جائزو ورتو ويو

معاشي ٽيم ايندڙ بجيٽ کان اڳ پبلڪ فنانس مئنيجمينٽ ايڪٽ ۾ ترميمن تي اتفاق ڪيو ويو

ٽيڪنيڪل مشن ٽيڪس پاليسي، بجيٽنگ ۽ پبلڪ فنانس مئنيجمينٽ ۾ اهم تبديلين تي پڻ بحث ڪيو

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي درخواست تي ضمني گرانٽس جي خاص آڊٽ جو شرط مڃي ورتو ضمني گرانٽ هڪ واڌو رقم يا فنڊ آهي جيڪو حڪومت پنهنجي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

عوامي نيشنل پارٽي جي آئيني ڪميٽي جو اجلاس پهرين ۽ 2 ڊسمبر تي ٿيندو

پشاور - (اي پي پي) عوامي نيشنل پارٽي جي آئيني ڪميٽي جو اهم ٻن ڏينهن وارو اجلاس پهرين ۽ 2 ڊسمبر تي منعقد ٿيندو بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪي پي جي خيبر ضلعي مان منشيات سڄي ملڪ ۾ اسمگل ٿيندي آهي: اختيار ولي خان

وادي تيراهه ۾ منشيات جا ڪارخانا آهن، منشيات جي ڏنڌي ۾ پي ٽي آءِ جا ماڻهو ملوث آهن

مڪروهه ڌنڌي مان ڪمايل پئسا رياست خلاف ۽ دهشتگردي لاءِ به استعمال ٿين ٿا: ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان چيو آهي ته خيبر پختونخوا جو وڏو وزير خيبر ضلعي ۾ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

وقتي صدر يوسف رضا گيلاني جو دربار حضرت موسيٰ پاڪ شهيد جو دورو، دستاربندي

مزار تي حاضري ڏيڻ بعد دربار جي توسيع سان لاڳاپيل مختلف معاملن جو جائزو ورتو

دوري جي موقعي تي سجاده نشين سيد ابوالحسن جمال الدين گيلاني، وقتي صدر جي دستاربندي ڪئي

ملتان (اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني، اڄ ڏينهن دربار حضرت موسيٰ پاڪ شهيد جو دورو ڪيس دوري جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اولمپيئن صدف صديقي پاڪستان نيشنل گيمس جي مشعل جو نماءُ ڪري رهي آهي

سنڌ حڪومت جي سنجيده ۽ فعال پاليسي تحت ڪراچي ۾ 756 ترقياتي اسڪيمون جاري آهن: شرجيل ميمڻ

صوبائي حڪومت شهر کي جديد، محفوظ ۽ سهولتن سان ليس بڻائڻ لاءِ سمورا قدم کڻي رهي آهي

عوام جي سهڪار سان شهر جي انفراسٽرڪچر کي جديد ضرورتن مطابق اپ گريڊ ڪرڻ جو عمل وڌيڪ تيز ڪيو ويو آهي

منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان شهرين کي واضح رليف ملندو ۽ سڀ منصوبا وقت اندر مڪمل ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت جي سنجيده ۽ فعال پاليسي تحت هن وقت ڪراچي ۾ 756 بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پاڪستان بار ۽ سپريم ڪورٽ بار آئيني عدالتن جي حمايت ڪري ڇڏي

ڪجهه سياسي ڌريون پنهنجا مقصد ماڻڻ لاءِ قانوني برادري ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون

اسان عدليه جي آزادي، ادارن جي مضبوطي ۽ پاڪستان جي آئين جي پاسداري لاءِ بيٺل رهيا آهيون: گڏيل بيان

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان بار ڪائونسل ۽ سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن هڪ گڏيل بيان جاري ڪيو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ايس ايس پي عابد بلوچ سان سندن والد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ايس ايس پي عابد بلوچ جي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: پاڪستان ۽ زمبابوي ٽيم ۾ ٽيل ميچ ۾ رانديگر پرفارم ڪري رهيا آهن

پي ٽي آءِ جي چونڊن ۾ ڌانڌلي بابت درخواست وفاقي آئيني عدالت ۾ ٻڌڻي لاءِ مقرر

چيف جسٽس امين الدين ڪ رڪني لارجر بينچ جوڙي ڇڏي، جيڪا سوالي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي

تحريڪ انصاف پاران ٽربيونل جوڙڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي هئي

اسلام آباد (م د) وفاقي آئيني عدالت ڌانڌلي جي الزامن جي معاملي تي تحريڪ انصاف جي درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پهرين 29 يا 30هين ترميم اچي، سنڌ خلاف ڪنهن ڳالهه کي سپورٽ نه ڪنداسين: ناصر شاهه

پيپلزپارٽي احتجاج کان ڪنهن کي ناهي روڪيو پر ريڊ زون ۾ وڃڻ تي معاملا ٿيندا آهن

اسان آئين جي بالادستي ۽ عدالتن جي بالادستي جي لاءِ سڀ ڪجهه ڪري رهيا آهيون

آئيني عدالتن ۾ چئني صوبن جي نمائندگي هوندي جنهن سان عدالتي بالادستي قائم ٿيندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته پهرين 29هين يا 30هين ترميم اچي، سنڌ خلاف ڪنهن ڳالهه کي سپورٽ نه ڪنداسين، پيپلزپارٽي احتجاج کان ڪنهن کي ناهي روڪيو پر ريڊ زون ۾ وڃڻ تي معاملا ٿيندا آهن وڪيلن سان ڪا زيادتي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير جنيد انوار چوڌري آءِ ايم او اسيمبلي ۽ ڪائونسل چونڊن ۾ شرڪت لاءِ برطانيه پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سامونڊي معاملن بابت وفاقي وزير محمد جنيد انوار چوڌري برطانيه پهچي ويو جتي هو انٽرنيشنل بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڄام نواز علي: صوبائي وزير ناصر شاهه ڪيڊيٽ ڪاليج ڄام نواز علي ۾ سولر سسٽم جو افتتاح ڪري رهيو آهي ٻي طرف شاگرد کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

عورتن جي معاشي آزادي لاءِ دائودي بوهرا برادري جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن: گورنر

فن ۾ انساني سوچ کي وڌائڻ ۽ سماج ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي طاقت رکڻ آهي

نوجوانن لاءِ ثقافتي پليٽ فارم سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر محمد ڪامران خان ٽيسوري جو فلاحي تعليمي ۽ ثقافتي شعبن ۾ دائودي بوهرا بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس گيمز ۾ سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن 9 ٽرافيون کٽي ورتيون

گيمز ۾ سنڌ پوليس جي مختلف يونٽن سان لاڳاپيل 12 ٽيمن 17 راندين ۾ حصو ورتو

سيڪيورٽي ڊويزن جوڊو ڪراٽي، ٽگ رساڪشي، ميراٿن ۽ ٻين راندين ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن سنڌ پوليس گيمز 2025 ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاري 9 بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وڪيلن ۽ پوليس ۾ ٿيل جهيڙو افسوسناڪ ۽ المناڪ واقعو آهي: ڊپٽي اٽارني جنرل

ملڪ دشمن عنصر ۽ پتا خور نيٽ ورڪ ڪراچي جو امن متاثر ڪرڻ لاءِ سرگرم آهن

وڪيل برادري ۽ پوليس اهلڪار گڏجي ويهي، هن سنجيده مسئلي تي غور ڪن: رياض محمد شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ ڊپٽي اٽارني جنرل فار پاڪستان پير رياض محمد شاهه ميڊيا بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ملڪ جي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگن اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪ جي مختلف دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ دنيا جو بهترين ٽئلينٽ موجود آهي، نوجوان اسان جو روشن مستقبل آهن: عطا الله تارڙ

نيشنل ايچ گروپ سوئمنگ چيمپئن شپ ۾ نوجوانن جي ڪارڪردگي کي ساراهه جوڳي آهي

مقابلن ۾ نوجوانن نه رڳو مقامي پر عالمي مقابلن لاءِ به پاڪستان جي روشن مستقبل جي جهلڪ پيش ڪئي آهي

اسان وٽ عالمي معيار جو ٽئلينٽ آهي ۽ مقامي ڪوچز به سڄي دنيا ۾ پنهنجي هاڪ مڃرائي چڪا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) سنڌ سماءُ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ نيشنل ايچ سوئمنگ چيمپئن شپ ۾ تارو نوجوانن جي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي عورت ڊاڪٽر دنيا جي بااثر ماڻهن جي فهرست ۾ شامل

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي عورت ڊاڪٽر ساميه احمد المحمادي کي عالمي اداري وائيٽ پيج انٽرنيشنل طرفان بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

جاپان جي روانگي واپار ۾ آڪٽوبر دوران 3.6 سيڪڙو اضافو رڪارڊ

ٽوڪيو (اي پي پي) جاپان جي روانگي واپار ۾ هلندڙ سال آڪٽوبر دوران 3.6 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو جنهن کان بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ اي اسپورٽس چيمپئن شپ ۾ پ پ چيئرمين جي ويزن جو حصو آهي: محمد بخش مهر

سنڌ حڪومت جي سرپرستي هيٺ منعقد ٿيل چيمپئن شپ پنهنجي پڄاڻي تي پهتي

مختلف پوزيشنون ماڻيندڙ ٽيمن ۾ 15 لک رپين جي رقم ۽ ٽرافيون ورهايون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي سرپرستي هيٺ منعقد ٿيل سنڌ اي اسپورٽس چيمپئن شپ جو شاندار اختتام بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

صحت جي شعبي ۾ سهولتون سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: علي حسن زرداري

صوبائي وزير چنيسر ڳوٺ ۽ ملير جي علائقي ڪانوڙ ۾ زير تعمير اسپتالن جو دورو ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل علي حسن زرداري ڪراچي جي علائقي چنيسر ڳوٺ ۽ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

دڙو: صوبائي وزير عذره پيچوهو ڪارڪنن سان ڳالهائي رهي آهي

ڪراچي کي تبديل ٿيندو ڏسڻ پيا، فن ۽ ثقافت جي سڃاڻپ ٻيهر واپس اچي پئي: مرتضيٰ وهاب

آرٽس ڪائونسل پاران جاري ورلڊ ڪلچر فيسٽيول ۾ ميئر پنهنجي ٻارڙن سان گڏجي دورو ڪيو

هن اسٽارڪل ذريعي عمارت تي فرانسيسي فنڪار شيفر مي پاران ٺهيل ميورل آرٽ جو جائزو ورتو

شهر جي ديوارن تي بيهوده ۽ غيراخلاقي اشتهار ڏسي سخت ڪراهت ٿيندي آهي، اهڙا اشتهار غيرقانوني عمل آهي

هي شهر هلندو آهي ته سڄو ملڪ هلي ٿو، اسان فن ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ پنهنجا قدم جاري رکنداسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي ميزباني هيٺ 39 ڏينهن جاري ورلڊ ڪلچر فيسٽيول 2025 جي 24هين ڏينهن ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب پنهنجي ٻارن سميت بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

رحيم يار خان ۾ مناسب اگهه نه ملڻ تي آبادگارن ڪمند جي فصل کي باهه ڏئي ڇڏي

آبادگارن طرفان ڪمند جي فصل کي باهه ڏيڻ جي وڊيو پڻ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي

ڀاڻ ۽ ٻج مهانگو ٿيڻ سبب خرچ پورا نه پيا ٿين، في مڻ اگهه 600 رپيا ڪيو وڃي: آبادگار

رحيم يارخان (ويب ڊيسڪ) رحيم يارخان ۾ آبادگارن ڪمند جي اگهه ۾ واڌ نه ٿيڻ تي فصل کي باهه ڏئي ڇڏي آبادگارن بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

عوامي خدمت جي معاملن ۾ ڪنهن به غلطي يا ڪوتاهي جي گنجائش ناهي: مريم نواز

صوبي ۾ ڪنهن به ڪم جي ڪوتاهي ڪندڙن کي ڪنهن به قسم جي رعايت نه ملندي

لاهور(م د)پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: وفاقي صلاحڪار رانا ثناءالله ضمني چونڊن ۾ پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪري رهيو آهي

آغا سراج دراني جي چاليهي جي تقريب، وڏي وزير سميت اعليٰ عملدارن جي شرڪت

تقريب ۾ سيد ناصر شاهه، مير بابل خان ڀيل، مير عابد خان ڀيل، غوث بخش خان مهر، عارف خان مهر ۽ ٻين جي شرڪت

آغا سراج خان دراني پ پ جو سرمايو هو، هن مشڪلاتن باوجود ڪيترائي دفعا ايوان کي بهتر نموني هلايو: مراد علي شاهه

ڳڙهي ياسين/شڪارپور (نمائندن وڏي) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته آغا سراج خان دراني پيپلزپارٽي جو سرمايو هو هن مشڪلاتن باوجود ڪيترائي دفعا ايوان کي بهتر نموني هلايو سختيون سليون پرپارٽي سان وفادار رهيا. اميد آهي ته آغا شهباز خان دراني پنهنجي والد جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي ياسين: وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير ناصر شاهه آغا سراج دراني جي چاليهي واري تقريب ۾ اجتماعي دعا ۾ شريڪ آهن

غزه ۾ اسرائيل جا تازا حملا گڏيل قومن جي ٺهراءُن ۽ شرم الشيخ امن معاهدي جي پيچڪڙي آهن: پاڪستان

اسرائيلي قابض فوج جي تازن حملن ۾ ڪيترن ئي فلسطينين خاص ڪري عورتن ۽ ٻارن جي شهادت رپورٽ ٿي آهي

اهي حملا خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ جاري عالمي ڪوشش کي سخت نقصان پهچائي رهيا آهن

عالمي برادري فوري طور جارحيت کي روڪي ۽ عالمي انساني حقن ۽ انساني قانونن جي تحفظ کي يقيني بڻائي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان غزه ۾ اسرائيلي قابض فوج جي تازن حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي جن جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي فلسطينين خاص ڪري عورتن ۽ ٻارن جي شهادت رپورٽ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان پاران ڪمو شهيد کان ڪراچي تائين عوامي رابطا مهم هلائڻ جو اعلان

27هين آئيني ترميم خلاف ملڪ گير سطح تي وڪيل برادري جي جدوجهد ساراهه جوڳي آهي: زين شاهه

ڊسمبر جي پهرين هفتي ۾ عوامي رابطا مهم هلائي ويندي، ريلي مختلف شهرن مان ٿيندي ڪراچي پهچندي

سنڌ ۾ پ پ بار بار قلم 144 لاڳو ڪرائي سياسي سرگرمين کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي

عوام پ پ کان بيزار آهي، ملڪ گير تحريڪ فيصلائتي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي: حليم عادل ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وائيس چيئرمين ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سنڌ جي صدر سيد زين شاهه جي صدارت ۾ ڪراچي ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ پي ٽي آءِ سنڌ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

رالاريل ڪشمير ۾ ڀارتي فوجي اهلڪار پرسرار نموني گولي لڳڻ سبب فوت

جمون (اي پي پي) غيرقانوني طور ڀارت جي قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي ضلعي پونڇ جي مينڍر سيڪٽر ۾ ڀارتي فوج جو هڪ اهلڪار پرسرار نموني گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو ڪشمير ميڊيا سروس موجب قابض اختيارين فوت ٿي ويل فوجي جي سڃاڻپ اگنيور ديپڪ سنگهه جي ٿالي سان ڪئي آهي عملدارن ٻڌايو ته اهو واقعو مينڍر پوليس اسٽيشن ۾ پيش آيو جنهن جي سببن جو پتو لڳائڻ لاءِ جاچ ڪئي پئي وڃي

نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار روس ۽ بيلجيئم جي دوري کان پوءِ وطن واپس پهچي ويو

ماسڪو (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار روس ۽ بيلجيئم جي دوري کان پوءِ وطن واپس پهچي ويو آهي آچر ڏينهن پرڏيهي کاتي پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار 17 کان 19 نومبر تائين ماسڪو ۽ 19 کان 21 نومبر تائين برسلز جو دورو ڪيو نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار اسلام آباد يا وطن واپسي کان اڳ مديني منوره ۾ مختصر قيام ڪيو جتي هن روضي رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم جن تي حاضري ڀري ۽ ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون پڻ گهريون

پي سي بي چيئرمين محسن نقوي پاران امپائر خضر حيات جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقوي مشهور امپائر خضر حيات جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي هن سوڳوار خاندان سان دلي تعزيت ڪندي چيو ته خضر حيات جي وفات پاڪستان ڪرڪيٽ لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي محسن نقوي چيو ته ڪرڪيٽ ميچن دوران سندس فيصلن جي دنيا تعريف ڪري ٿي ۽ پنهنجي پيشيوارانه معيار ديانتداري ۽ تجربي سبب منفرد مقام رکي ٿو پاڪستان ۾ ڪرڪيٽ امپائرنگ هميشه سندس خدمتن جي احسان مند رهندي مرحوم جي ڪردار ۽ پيشيوارانه قابليت امپائرنگ جي شعبي ۾ اعليٰ مثال قائم ڪيو جنهن کي هميشه ياد رکيو ويندو

سنڌ جي مشهور شخصيت حميد ڀٽو جو ڀاءُ ۽ نوجوان صحافي محمد سليم ڀٽو وفات ڪري ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مشهور شخصيت، پاڪستان ايڪسيلنس ايوارڊ ڪلب جي چيئرمين، ڊيلي ايڪسيلنس جي چيف ايڊيٽر، سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ جي باني چيئرمين سماجي اڳواڻ حميد ڀٽو ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي آفيسرن نديم ڀٽو رفيق ڀٽو اسلم ڀٽو جو ڀاءُ ۽ لاڙڪاڻي جو مشهور ۽ باصلاحيت نوجوان صحافي محمد سليم ڀٽو گذريل رات ڊگهي بيماري وگهي لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم هڪ مهيني کان جگر جي شديد تڪليف ۾ مبتلا هو مرحوم گذريل 15 سالن کان صحافت جي شعبي سان لاڳاپيل هو مرحوم جي پونئيرن ۾ 4 معصوم ٻار (2 پٽ ۽ 2 نياڻيون) شامل آهن. مرحوم جون آخري رسمون لاڙڪاڻي جي مشهور قبرستان شاهه بهارو ۾ ادا ڪيون ويون جڏهن ته تعزيت جو سلسلو سندس رهائشگاهه سرور ڪالوني، سبزي منڊي، پڪا اسٽريٽ، لاڙڪاڻي ۾ هلندڙ آهي

سينيٽر ايمل ولي خان پاران اي اين پي اڳواڻ صالح محمد خان مندوخيل جي پٽ جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

پشاور (اي پي پي) عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) جي مرڪزي صدر سينيٽر ايمل ولي خان، اي اين پي جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري انور مندوخيل جي ڀاءُ ۽ اي اين پي بلوچستان جي اڳوڻي صدر صالح محمد خان مندوخيل جي پٽ شير محمد مندوخيل جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ هن چيو ته شير محمد مندوخيل جو لاڏاڻو نه صرف سندس خاندان لاءِ پر علائقي لاءِ به هڪ وڏو سانحو آهي. مرحوم هڪ باوقار مخلص ۽ بااثر شخصيت هو جنهن هميشه پنهنجي ماڻهن جي خدمتن کي مقدم رکيو ايمل ولي خان چيو ته اي اين پي ڏک جي هن گهڙي ۾ انور مندوخيل ۽ سندس خاندان جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي پنهنجي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ ڪٽنب کي صبر ڏئي

فيصل آباد ۾ پولنگ دوران بيلٽ پيپر جي تصوير ڇاهي سوشل ميڊيا تي اپ لوڊ ڪندڙ شخص گرفتار

فيصل آباد-(اي پي پي) فيصل آباد ۾ آچر ڏينهن ٿيندڙ چونڊن جي سلسلي ۾ منعقد پولنگ دوران بيلٽ پيپر جي تصوير ڇاهي سوشل ميڊيا تي اپ لوڊ ڪندڙ شخص کي پوليس حراست ۾ وٺي ورتو اليڪشن ڪميشن جي ترجمان مطابق ووٽ جي رازداري کي پائمال ڪرڻ قانوني ڏوهه آهي جڏهن ته ڄاڻايل شخص ووٽ وجهندي وڊيو ٺاهي سوشل ميڊيا تي نشر ڪئي ان لاءِ پولنگ دوران قانون تي عمل نه ڪرڻ سبب لاڳاپيل شخص کي حراست ۾ ورتو ويو آهي

سنڌ يونائيٽڊ پارٽي سنڌ جي صدر سيد زين شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڊسمبر جي پهرين هفتي ۾ ڪمو شهيد کان ڪراچي تائين عوامي رابطا مهم هلائي ويندي جنهن ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سربراهه محمود خان اچڪزئي، علامه راجا ناصر عباس اسد قيصر سميت مرڪزي اڳواڻ شرڪت ڪندا. ڪي ڏينهن جاري رهندڙ اها ريلي مختلف شهرن مان ٿيندي ٽئين ڏينهن ڪراچي پهچندي هن چيو ته عوام موجوده نظام کان بيزار ٿي چڪي آهي بيروزگاري، بدحالي ۽ مهانگائي ماڻهن جي زندگي اجيرن بڻائي ڇڏي آهي 27هين آئيني ترميم آئي آئين ۽ قانون جي بالادستي ختم ڪئي وئي آهي. سيد زين شاهه چيو ته سنڌ ۾ پ پ عوامي ردعمل کان بچڻ لاءِ بار بار قلم 144 لاڳو ڪرائي سياسي سرگرمين کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي هن چيو ته تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان پاران حيدرآباد ۾ جلسي جي اعلان کان پوءِ سڄي صوبو ۾ قلم 144 لاڳو ٿيڻ ثابت ڪري ٿو ته پ پ سنڌ ۾ پنهنجي عوامي مقبوليت وڃائي چڪي آهي عوام بيروزگاري، مهانگائي ۽ بدحالي کان تنگ اچي چڪي آهي. تنهن ڪري ملڪ گير تحريڪ هاڻي فيصلائتي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي عوام جي راءِ کي دٻائڻ ۽ جعلي مينڊيٽ سان ٺهيل حڪومتون مڙهڻ جي ڪوشش هاڻي نه هلندي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو ته 27هين آئيني ترميم عدليه جي آزادي کي سخت نقصان پهچايو آهي ۽ صرف عوامي جدوجهد ئي چوريل مينڊيٽ تي ٻڌل هن نظام کي ختم ڪري سگهي ٿي هن چيو ته عمران خان کي ناحق قيد ڪري عوام دشمن ترميمون آنديون پيون وڃن جيڪي ڪنهن صورت قبول نه ڪيون وينديون هن وڌيڪ چيو ته تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي جلسن ۽ عوامي رابطا مهم کان خوفزده ٿي سنڌ ۾ قلم 144 نافذ ڪيو ويو آهي پر ڪو به قدم عوام کي پنهنجي حق لاءِ نڪرڻ کان نه روڪي سگهندو ڊسمبر جي پهرين هفتي ۾ ڪمو شهيد کان ڪراچي تائين ٿيندڙ ڪن ڏينهن واري مهم دوران مختلف شهرن ۾ وڏا ميڙاڪا ڪيا ويندا. هن چيو ته سنڌ جي عوام پ پ کان بيزار ٿي چڪي آهي ۽ سڄي قوم سياسي استحڪام لاءِ عمران خان ڏانهن ڏسي رهي آهي ملڪ ۾ سياسي استحڪام نه رهيو ته حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون. حليم عادل شيخ چيو ته پ پ گذريل 17 سالن دوران سنڌ ۾ اهڙو ڪرپشن جو جار وڇايو آهي جو عوام بنيادي سهولتن کان محروم ٿي ويا آهن پر هاڻي هن نظام جي خاتمي جو وقت اچي چڪو آهي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
جي ايس پي پلس ڊائلاگ_پاڪستان لاءِ نئون واعدو يا پراڻيون
صفحو 4

غلام فاروق
اي آئي ڪيپسول: طبي دنيا ۾ هڪ انقلابي قدم!
صفحو 4

هٿرادو شوشا اُٿاري ترميمن تان ڌيان هٽايو پيو وڃي
ايڊووڪيٽ عبيدالله
صفحو 4

احمد وقاص رياض
عالمي بساط تي پاڪستان جو مقام
صفحو 4

ايم ڪيو ايم هميشه نئين صوبي جي ڳالهه تي سياست ڪئي آهي، سنڌ ڪي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي: امداد پتافي

جنهن ۾ سنڌ کي پنهنجي ماءُ تسليم ڪيو آهي اهي قلندر ٻڌجي ويا درتي ماءُ سان غداري ڪندڙ سڄي زندگي خوار، خراب ۽ ناڪام ٿيندا

شهر جي اسڪول جي گهٽي تي قبضي واري مامرو ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي، مون به ڊي سي سان ڳالهايو آهي

رئيس امداد پتافي جو عوامي مسئلن جي حل لاءِ عوام ۽ معززين سان ملاقاتون، نثار صديقي جي وفات تي تعزيت

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي رئيس امداد خان پتافي ۽ ممتاز خان پتافي پيپلز سيڪريٽريٽ پتافي هائوس ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ تڪ جي عوام ۽ معززين سان ملاقاتون ڪيون جڏهن ته پتافي هائوس تي عوامي مسئلن جي حل لاءِ آيل ماڻهن جا مسئلا ٻڌي ڪين موقعي تي حل ڪيا امداد خان پتافي هائوس تي آيل ماڻهن جي ميڙ سان ملاقات بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايم ڪيو ايم هميشه نئين صوبي جي ڳالهه تي سياست ڪئي آهي سنڌ ڪي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي جنهن به سنڌ کي پنهنجي ماءُ تسليم ڪيو آهي اهي قلندر ٻڌجي ويا درتي ماءُ سان غداري ڪندڙ سڄي زندگي خوار، خراب ۽ ناڪام ٿيندا اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي امداد خان پتافي چمبڙ شهر جي مختلف پاڙن جو دورو ڪيو شهر جي اسڪول جي گهٽي تي قبضي واري مامري تي هن ڳالهيندي چيو ته مسئلو ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي مون به ڊي سي سان ڳالهايو آهي ان بعد علائقي جي معزز سيٺ نثار صديقي جي وفات تي پوئينرن سان تعزيت پڻ ڪئي ان موقعي تي تڪ جي معززين سميت تعلقه صدر غلام قادر دل سابق تعلقه صدر عبدالستار گراڻو وڏيرو شوڪت خاصخيلي محبوب پتافي راجو ذاڪر سميت وڏي انگ ۾ علائقي جا ماڻهون ۽ پ پ پ ورڪر موجود هئا

ٽنڊوالهيار: صوبائي وزير امداد پتافي معززين سان ملاقاتون ڪري رهيو آهي

حيدرآباد ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

2021ع ۾ ٽيسٽ پاس ڪئي پر حڪومت اڃا تائين نوڪريون ناهن ڏنيون: مظاهرين

ويٽنگ لسٽ ۾ شامل ڪيل اميدوارن کي نوڪريون ڏئي بيروزگاري کان بچايو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدر آباد جي 2021ع ۾ آءِ بي اي جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي ٽيسٽ پاس ويٽنگ لسٽ ۾ شامل اميدوارن نوڪريون نه ملڻ خلاف سعديہ اشرف شيرازي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ته سال 2021 ۾ حيدر آباد مان سوين نوجوانن جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي لاءِ آئي بي ٽيسٽ پاس ڪئي ۽ سنڌ حڪومت ٻين شهرن لاءِ ايس اين اي رکي اميدوارن کي نوڪريون ڏنيون ۾ حيدر آباد لاءِ ايس اين اي نه رکي پڙهيل لکيل ۽ اهل نوجوانن کي نوڪرين کان محروم ڪيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته ويٽنگ لسٽ ۾ شامل ڪيل اميدوارن کي نوڪريون ڏئي بيروزگاري کان بچايو وڃي

ٽنڊوڄام ۾ تعليم کاتي جي ننڍي ملازمن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

اڍائي سال گذرڻ باوجود پگهارون ناهن ڏنيون وڃن، گهرن ۾ فاقا آهن: مظاهرين

تعليم کاتي سان لاڳاپيل هر عملدار وٽ پگهارن لاءِ ڌانهيون پر ڪو به داد فرياد نه پيو ڪري

ٽنڊوڄام (ٽ ر) تعليم کاتي ۾ ڀرتي ٿيل ننڍن ملازمن 28 مهينن کان پگهار نه ملڻ خلاف ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي، ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙن نثار سومرو، حاڪم زرداري، ذوالفقار لغاري، عرفان ٿيبو ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پيرٽي جي سنڌ سرڪار گذريل حڪومت ۾ تعليم کاتي ۾ هڪ کان چار گريڊ جون نوڪريون ڏنيون ويون هيون پر اڍائي سال گذرڻ باوجود پگهارون ناهن ڏنيون ويون. هنن چيو ته تعليم کاتي سان لاڳاپيل هر عملدار وٽ پگهارن لاءِ ڌانهيو آهي پر ڪو به داد فرياد نه پيو ڪري. هنن چيو ته پهرين ڏينهن کان پنهنجي مقرر ڪيل هنڌن تي ايمانداري سان ڊيوٽين جا فرض نڀائي رهيا آهيون پوءِ به اسان کي پگهارن کان محروم رکيو ويو آهي. پگهارون نه ملڻ سبب گهرن ۾ فاقا ڪشي واري صورتحال آهن. هنن وزيراعلى سنڌ مراد علي شاهه تعليم جي وزير سردار شاهه سينئير صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پ پ ايم اين اي طارق شاهه چاموٽ کان نوٽس وٺي بند پيل پگهارون جاري ڪرايون وڃن.

ٽنڊوڄام: تعليم کاتي جا ملازم پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي

ٿرپارڪر لڳ رسول بخش پليجو فڪري اسڪول جي عنوان سان تعليمي ورڪشاپ

سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضا، ايس آءِ ايف سي غيرقانوني ۽ ڪرپٽ ادارو آهي: وسند ٿري

27هين ۽ 26هين آئيني ترميم پليان به آئي ايم ايف ۽ ٻين سامراجي قوتن جا مفاد شامل آهن

ٿر جو ڪوئلو ڪنيو وڃي ٿو بدلي ۾ بجلي توڙي ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار نٿو ملي

ننگر پارڪر (ن ع) تعليمي ڪلاس ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري مهمان خاص طور شرڪت ڪئي ۽ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ هن وقت گهڻ طرفي خطري هيٺ آهي، سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضا ٿي رهيا آهن. ايس آءِ ايف سي جيڪو غيرقانوني ۽ غير آئيني ادارو آهي اڙيهين ترميم کي قتل ڪري پوءِ هي ادارو ناهيو ويو ان اداري ۾ ڪرپشن جا ايترا ته گس کوليا ويا آهن جو آئي ايم ايف کي به ايس آءِ ايف سي جي شفافيت تي سوال آهن ايس آئي ايف سي مظلوم قومن جي زمينن ۽ وسيلن کي نيلام ڪرڻ لاءِ هڪ نيلام گهر آهي جنهن کي اڃا به طاقتور ڪرڻ جو انديشو آهي. وسند ٿري چيو ته 27هين ۽ 26هين آئيني ترميم پليان به آئي ايم ايف ۽ ٻين سامراجي قوتن جا مفاد شامل آهن آئي ايم ايف کي خوش ڪرڻ لاءِ اين ايف سي ايوارڊ کي به ختم ڪرڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ کي اڄڪر شخصيتن جي نه پر منظم انقلابي تنظيم جي ضرورت آهي سنڌ کي هن وقت مزاحمت ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي. هن چيو ته ٿر جو ڪوئلو ڪنيو وڃي ٿو بدلي ۾ اسان کي بجلي به نٿي ملي، ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار نٿو ملي هن وڌيڪ چيو ته رسول بخش پليجو جو فڪر ظلم استحصال سامراج ۽ جاگيرداراڻي نظام خلاف هڪ انقلابي آواز آهي. سياسي تعليم ۽ شعور جي واڌ ويجهه بنا ڪا به تحريڪ ڪامياب نٿي ٿي سگهي تنهنڪري اسٽڊي سرڪل، تعليمي ڪلاس وڌ کان وڌ ڪيا وڃن نوجوان ڪتاب پڙهن سوال ڪن ۽ تحقيق ڪن. هن قسم جا تعليمي ڪلاس عوامي تحريڪ لاءِ ريڙهه جي هڏي جو ڪم ڪن ٿا. ان موقعي تي ڊاڪٽر دلدار لغاري، اوباڙو جوڻيجو رحمان نهڙيو ايڊووڪيٽ ديوداس هريان ڪولهي، ريکان ڪولهي، ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پڻ خطاب ڪيو.

ملاڪاتيار پوليس ۽ ڌوهاري ۾ مقابلو هڪ زخمي حالت ۾ جوابدار گرفتار

پوليس گشت دوران اڄ ڊنڊ واري علائقي ۾ هٿياربند ڌوهارين سان مقابلي ٿيو

پوليس جي فائرنگ ۾ جوابدار حاجن ملاح زخمي ٿي پيو قبضي مان پسٽل هٿ

ملاڪاتيار (ن ع) ملاڪاتيار پوليس ۽ هٿياربند ڌوهارين وچ ۾ فائرنگ جو مقابلو ٿيو جنهن ۾ هڪ ملزم زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو جڏهن ته به ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. واقعي بابت ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان حسيب جاويد سومار ميمڻ تفصيل جاري ڪيا آهن. ايس ايچ او ملاڪاتيار سب انسپيڪٽر ممتاز احمد ڪوسو پنهنجي ساٿين سان گڏ گشت دوران "اڄ ڊنڊ" واري علائقي ۾ هٿياربند ڌوهارين سان مقابلي ٿيو پوليس موجب جوابدار واردات جي ارادي سان موجود هئا، جن پوليس سڌي فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس طرفان فوري حڪمت عملي اختيار ڪندي پنهنجي دفاع ۾ جوابي فائرنگ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ هٿياربند ڌوهاري زخمي ٿي پيو جنهن کي موقع تي گرفتار ڪيو ويو. زخمي ملزم جي قبضي مان 30 بور جو ٽي ٽي پسٽل به هٿ ڪيو ويو. گرفتار زخمي جوابدار کي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس سڃاڻپ حاجن ولد عثمان ڪاريوري ملاح جي نالي سان ٿي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار جو اڳيون ڏوهاري رڪارڊ مختلف ٿاڻن مان حاصل ڪيو پيو وڃي. پوليس مطابق فرار ٿيل ٻنهي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن ناڪابندي جاري آهي. گرفتار ۽ فرار ٿيل جوابدارن خلاف ملاڪاتيار ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته وڌيڪ تفتيش جا مرحلا تيزيءَ سان اڳتي وڌايا پيا وڃن

ڪوٽ غلام محمد ۾ عورت سان نازيبا حرڪت ڪندڙ جوابدار گرفتار

ويڊيو وائرل ٿيڻ جو ايس ايڇ او نوٽيس وٺي جوابدار شيراز خاصخيلي کي گرفتار ڪيو ويو

واردات ۾ استعمال ٿيل موٽرسائيڪل پڻ برآمد، نعيم احمد جي فرياد تي ڪيس داخل

ڪوٽ غلام محمد (ٽ ر) ڪوٽ غلام محمد ۾ عورت سان مبينا نازيبا حرڪت ڪرڻ جي ويڊيو وائرل ٿيڻ جو ايس ايڇ او فرمان اگهيم فوري نوٽيس وٺندي پوليس ٽيم سان شهر ۾ گشت وڌائي سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان جوابدار شيراز ولد غازي خان خاصخيلي کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدار شهر جي وارڊ نمبر 5 جو رهواسي ٻڌايو وڃي پيو پوليس ڪيس گرفتار جوابدار کي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو آهي. پوليس موجب واردات ۾ استعمال ٿيل موٽرسائيڪل پڻ هنگامي ڪارروائي دوران هٿ ڪري ورتي وئي آهي. واقعي خلاف نعيم احمد خان ولد محمد ياسين قائمخاني جي فرياد تي جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته جوابدار کي سول ڪورٽ ڪوٽ غلام محمد ۾ سپاهي پيش ڪيو ويندو ايس ايڇ او فرمان اگهيم ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪوٽ غلام محمد جي عوام کي ڊڄڻ يا خوفزده ٿيڻ جي بلڪل ضرورت ناهي اسين هتي موجود آهيون جيڪڏهن ڪو به شخص اهڙي حرڪت ڪندو ته سخت کان سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. سنڌ پوليس شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن سان اهڙو واقعو پيش آيو هجي ته بنا ڪنهن خوف جي اچي رپورٽ داخل ڪرائي پوليس هر طورتي قانوني مدد فراهم ڪندي جڏهن ته جوابدار پنهنجي گناهه جو اعتراف پڻ ڪري ورتو آهي

ڪوٽ غلام محمد: عورت سان نازيبا حرڪت ڪندڙ جوابدار پوليس حراست ۾ بيٺل آهي

راڌڻ: ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڌڻ ريلوي اسٽيشن تي ايم ايل-2 ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ٽريڪ جي ناقص حالت سبب روزانو ٽرينون 8 کان 10 ڪلاڪ دير سان پهچن ٿيون

ريلوي آفيسرن جي سنڌ دشمن پاليسي سبب ٽرين سروس متاثر ٿي آهي: مظاهرين

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ريلوي اسٽيشن تي سيٽاسڃڻهار فورم جي مشهور ميمڻ مامو نظير احمد بروهي حيدر علي رند سماجي ڪارڪن صحافي حسين بخش بروهي مظهر پنڊ شوڪت جانوري معشوق علي سولنگي جي اڳواڻي ۾ ڪوٽڙي سيوهڻ دادو راڌڻ لاڙڪاڻو حبيب ڪوٽ ريلوي سيڪشن (ايم ايل-2) تي بند پيل ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ هو ته حبيب ڪوٽ کان سيوهڻ تائين ٽريڪ جي مرمت نه ٿيڻ سبب ٽرينن جي آمدورفت سخت متاثر ٿي آهي روزانو هلندڙ گاڏيون 8 کان 10 ڪلاڪ دير سان پهچن ٿيون جيڪا مسافرن لاءِ سخت تڪليف جو سبب بڻجي ٿي هنن الزام هنيو ته لاهور ۾ ويٺل متعصب ريلوي آفيسر خاص طور تي سنڌ دشمن پاليسي تحت ٽرينن جي سروس خراب ڪري رهيا آهن ته جيئن روڊ ٽرانسپورٽرن کي فائدو ملي جڏهن ته ايم ايل 1 تي روز نيون ٽرينون هلائي پنجاب واسين کي نوازي رهيا آهن احتجاج ڪندڙن ٻڌايو ته خوشحال خان خٽڪ ۽ بولان ميل جهڙين گاڏين جا صرف ريڪ ڪجهه ڏيا ٿي ايم ايل 2 تي هلن ٿا جنهن ڪري اهي ٽرينون ڪيترن ئي ڏينهن تائين بند رهن ٿيون جنهن ڪري مسافرن کي نه صرف پريشاني ٿي ٿي پر اڻڄاڻائي رهي ٿي ته ڪڏهن ٽرين ايندي ان ڪري ٽرين جي خبر نه پوڻ ڪري هو ٽرين ۾ سفر نٿا ڪري سگهن ان لاءِ انهي ٽرينن جا 3 ٽريڪ هلايا وڃن جيئن روزانو ٽرينون اپ ڊائون ۾ هلن جڏهن ته ايم ايل ٽو جي لائين ڪمزور ۽ ناقص آهي جنهن ڪري مسافر ٽرين سست رفتار سان هلڻ ڪري مسافر بسن ڪوچن ۽ ڊومن ۾ سفر ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا اڙ ڪري حبيب ڪوٽ کان سيوهڻ تائين نئين مضبوط لائين پٿري وڃائي وڃي اڙ سان گڏ اسٽيشنن تي بنيادي سهولتون جهڙوڪ ٿڌو پاڻي واش روم وغيره پڻ نه آهن اهي تعمير ڪيا وڃن يا جتي پراڻا تباهه ٿيل آهن انهن جي مرمت ڪرائي وڃي مظاهرين وفاقي وزير ريلوي، جنرل مينيجر ريلوي، ڊي ايس سکر ۽ ڪراچي کان مطالبو ڪيو ته بند گاڏيون بحال ڪيون وڃن، ايم ايل-2 ٽريڪ جي مرمت ڪئي وڃي ۽ سفري سهولتون بهتر بڻايون وڃن بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

هالا ۾ زميندار جو زمين تي قبضي جي ڪوشش خلاف احتجاجي مظاهرو

هالا (ن ر) هالا پراڻا جي رهواسي زميندار پارن زرعي زمين تي اسڪائي قبضي ۽ وڪرو ڪرڻ جي خلاف پريس ڪلب تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪئي وئي زميندار جاويد شيخ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ديهه شيخاڻي ۾ منهنجي اباڻي زرعي زمين آهي جنهن کي منهنجي ٻي گهر واري پنهنجي پاڻ پيءُ ۽ عابد شاهه نالي شخص سان ملي ڪري زمين جا ڪوڙا ڪاغذ ٺهرائي وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هن چيو ته منهنجي گهر واري عابد شاهه ذريعي منهنجي الٽو ڪار پڻ چوري ڪرائي وڪرو ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻ مون کي پنهنجي حيدرآباد واري بنگلي سان ڪيڏي بنگلي تي پڻ قبضو ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته گهر واري منهنجي ٻارن کي به منهنجي خلاف ورغلائي مون کي بليڪ ميل ڪري رهي آهي ۽ زمين وڪرو ڪرڻ کان منع ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي هن چيو ته زرعي زمين منهنجي خانداني اباڻي ملڪيت آهي اگر ڪوبہ شخص اها زمين خريد ڪندو ته ٿيندڙ نقصان جو ذميوار هو پاڻ هوندو هن ڪمشنر حيدرآباد ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين وس وارن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

خيرپور ۾ 26هين ۽ 27هين ترميم خلاف وڪيلن پاران ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ 26هين ۽ 27هين ترميم خلاف ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي وڪيلن طرفان سيشن ڪورٽ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاج ڪيو احتجاج جي اڳواڻي ايڊووڪيٽ مجاهد ڦليپوٽو امداد خميساڻي غلام مجتبا جکڙ شعيب نياز خاصخيلي سجاد سولنگي نور حسن چانڊيو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي وڪيلن خطاب ڪندي چيو ته 26هين ۽ 27هين غير آئيني ترميمون آنديون ويون آهن جنهن کي اسان سميت سنڌ جو باشعور عوام رد ڪري چڪو آهي ملڪ جي آئين سان هٿ چراند ڪري ملڪ ۾ ڊڪٽيٽرشپ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي هنن چيو ته 27 هين غير آئيني ترميم سان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي اختيار گهٽائي عدليه جو قتل عام ڪيو ويو آهي وڪيلن ان ترميمن جي خلاف تحريڪ شروع ڪري ڇڏي آهي هنن مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد ترميمون واپس ورتيون وڃن ٻي صورت ۾ تحريڪ اڃان تيز ڪئي ويندي

مسوپرڳوٺ: ساس پاران اديب سهراب خان ٻاٽيءَ سان رهاڻ رچائي پئي وڃي

اڏيرو لال ۾ ساس پاران اديب سهراب خان ٻاٽيءَ سان رهاڻ ملهائي وئي

پروگرام جي صدارت احساس ميرل ڪئي، امين اڏيرائي ادبي ڪارروائي هلائي

مهمانن سهراب خان ٻاٽي کي رحمدل، نياز نوڙت ڪندڙ ۽ سنڌي ادب جو خدمتگار قرار ڏنو

مسوپرڳوٺ (ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ اڏيرو لال اسٽيشن پاران ٻهرين رهاڻ ملهائي وئي پروگرام جي صدارت سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري احساس ميرل ڪئي. خاص مهمانن ۾ محمد بچل ميمڻ سنڌ روز آرگنائيزيشن مٽياري، ديدار علي سائر پاٽوجو سيڪريٽري س ا س شاخ اڏيرو لال وليج شوڪت علي ٻاٽي سيڪريٽري س ا س شاخ پليجاڻي، خيال کتري سيڪريٽري س ا س شاخ مٽياري، اڳوڻو رابطه سيڪريٽري س س ضلع مٽياري سيد امداد علي شاهه هئا. جڏهن ته ڪارروائي انتهائي معزز ۽ مؤدب جاکوڙي اديب ۽ شاعر امين اڏيرائي هلائي. آيل مهمانن پنهنجن خطابن ۾ چيو ته سهراب خان ٻاٽي هڪ همه گير شخصيت جو مالڪ آهي. پاڻ انتهائي رحمدل انسان هڏ ڏوکي ماڻهو ۽ پاڻ ملهائيندڙ شخصيت جو مالڪ آهي. جنهن بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي سنڌي ادب جي بيحد گهڻي خدمت ڪئي آهي جنهن جو ثبوت اهو آهي ته پاڻ هر ادبي محفل ۾ وقت سر پهچي ويندو آهي ۽ هر اديب ۽ شاعر جا فوٽو ڪڍڻ ۽ انهن کي انهن جي شايان شان موجب مقام ڏيارڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ شامل آهي هن جي شخصيت اها آهي ته وري ڪڏهن به پنهنجي لاءِ ڪا گهر ڪونه ڪندو آهي ته هو پروگرام ۾ آيو آهي ته هن کان به ڪجهه ٻڌو وڃي. ڪڏهن به نه. هن سدائين نياز نوڙت ۾ پنهنجو وقت گذاريو آهي. ڪڏهن به وڏ ماڻهپي جو اظهار نه ڪري، پنهنجي حيثيت کي سيني اڳيان نمايان رکيو آهي. اسان جي نوجوان ادبي طبقي کي گهرجي ته هن کان وڌ ۾ وڌ ادبي مهارتون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ هن لاءِ پنهنجي ادبي سفر ۾ ايندڙ رنڊڪن کي ڏور ڪرڻ جهڙيون مهارتون ۽ خوبيون سکي ڪري، ان تي ڳامڙ ٿيڻ جي ڪوشش ڪن. هن ادبي رهاڻ ۾ جن اديبن شاعرن صحافين ۽ سڃاڻندڙن شرڪت ڪئي تن ۾ فقير بلاول خشڪ منظور صرافي نبي بخش شيخ پيو خاصخيلي شيرل سولنگي، عاجز چنو امتياز جسڪاڻي سومار چنو رحيم بخش منور علي ٻرڙي، علي خان پاٽوجو امداد علي حيدري، احمد خان جسڪاڻي اشرف علي اسلم ميمڻ رفيق احمد پنهور حاجي سونهارو لڪي عبدالغفار ناچيز ميمڻ محمد حسن ميمڻ رياض صرافي نثار خاصخيلي جا شامل هئا پروگرام جي آخر ۾ شهيد شاهنواز پلي کي ياد ڪندي سندس 67 هين جنم ڏينهن جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو ۽ سنڌ جي نامور شاعر مخدوم امين فهيم جي ورسي جي موقعي تي ڪيس خوبصورت پيتا پيش ڪندي سندس مغفرت لاءِ دعا گهري وئي.

نئون ڳوٺ: آل سرگاڻي ويلفيئر ايسوسيئيشن جي ڪلڇائي ٿي رهي آهي

اسلام خانداني نظام کي مضبوط ۽ رشتن جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي: عبدالحفيظ سمون

جيڪڏهن قرآن ۽ سيرت نبوي جو مطالعو ڪجي ته طلاق جي شرح گهٽجي سگهي ٿي

الله تعاليٰ سرور نظام نبي ڪريم صه جي ذريعي خانداني نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ٽنڊوڄام ۾ سيرت ڪانفرنس ۾ خطاب

ٽنڊوڄام (ٽ ر) جمعيت اهل حديث سنڌ جي ناظم اعلى ڊاڪٽر عبدالحفيظ سمون چيو آهي ته اسلام خانداني نظام کي مضبوط ۽ رشتن جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي. ولي جي اجازت کان سواءِ شادي جائز ئي ناهي. اها ڳالهه هن جمعيت اهل حديث ٽنڊوڄام جي سيرت ڪانفرنس ۽ حافظ عبدالرحمان جي دستاربندي تقريب کي خطاب ڪندي ڪئي. هن وڌيڪ چيو ته قرآن کان لاعلمي سبب معاشري ۾ طلاقن جي شرح وڌندي پئي وڃي. جيڪڏهن قرآن ۽ سيرت نبوي جو مطالعو ڪجي ته طلاق جي شرح گهٽجي سگهي ٿي. هن چيو ته الله تعالى سرور نظام نبي ڪريم صه جي ذريعي خانداني نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڏنو ته جيئن سماج ۾ هر ماڻهو لاءِ عزت ۽ احترام قائم رهي. هن چيو ته جيڪي ماڻهو ملڪي حالتن ۽ حق نه ملڻ تي پريشان آهن سڀني پريشانين مان نڪرڻ جو واحد ذريعو قرآن ۽ سنت تي عمل ڪرڻ ۾ آهي. انهي موقعي تي ڪانفرنس کي سليم يزداني، عبدالحسيب قاسمي، عبدالعزيز چانڊيو، قاري عبدالرحمان، عبدالرزاق ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. جڏهن ته انهي موقعي تي پروفيسر شاهد راجپوت، تاجر اڳواڻ عبدالقيوم انصاري، طارانصاري ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

راڌڻ ويجهو پير شميم احمد جان سرهندي لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نمازي ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ مٽن مائٽن جي شرڪت

باليشاهه لڳ پير سلطان سرهندي ڳوٺ ۾ تعزيت جو سلسلو جاري

راڌڻ (ن ع) پ پ اڳواڻ پير آف باليشاهه پير شميم احمد جان سرهندي جي نماز جنازا باليشاهه لڳ ڳوٺ پير سلطان احمد سرهندي ۾ ادا ڪئي وئي خبر موجب زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جي اڳوڻي سپاق جي شاگرد اڳواڻ مرحوم پير سليم جان سرهندي جو پاءُ ۽ سنڌ آبادگار بورڊ ضلع دادو جو اڳوڻو صدر پير شميم احمد جان سرهندي راڌڻ ويجهو ڳوٺ باليشاهه لڳ ڳوٺ پير سلطان احمد سرهندي ۾ دل جو دورو پوڻ سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس جي جنازي نماز ڳوٺ باليشاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي، مذهبي اڳواڻن آس پاس جي ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سندس جي وارثن سان باليشاهه لڳ پير سلطان سرهندي ڳوٺ ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

ملاڪاتيار: پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل ڌوهاري اسپتال ۾ داخل آهي

شهدادپور ۾ 26 ۽ 27 آئيني ترميم خلاف احتجاجي ڪئمپ لڳائي وئي

شهدادپور (ن ع) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي اعلان تي شهدادپور ايڊيشنل ڪورٽ سامهون 26 ۽ 27 آئيني ترميم خلاف ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي ڪئمپ لڳائي وئي. ان موقعي تي ڊيوزنل صدر مشتاق جوڻيجو، چوڌري نويد انجم، ذوالفقار نريان، شان لغاري، وسيم راجپوت، سردار زاهد قريشي، ڊاڪٽر منصور ۽ ٻين پاران احتجاج ڪيو ويو

دادو جي ميهڙ ۽ ڪي اين شاهه تعلقن ۾ عطائي ڊاڪٽر انساني جي زندگين سان کيڏڻ لڳا

ڪڇي ۽ ڪاڇي جي ڏورانهن علائقن ۾ وڏي تعداد ۾ عطائي ڊاڪٽر ڪلينڪون کولي ڊي ايڇ او کي پٺو ڏيڻ لڳا

غير تربيت يافته دائيون ۽ نرسون پڻ ويم ڪرائڻ لڳيون، ڪيترن ئي عورتن جا ٻار پيٽ ۾ ماري ڇڏيون

ڊي ايڇ او دادو فوڪل پرسن هيلٿ فوري طور عطائي ڊاڪٽرن کي گرفتار ڪري سندس مٿان ڪيس داخل ڪن: شهري

راڌڻ (رپورٽ ستار ميراڻي) ميهڙ ڪي اين شاهه تعلقن جي شهرن راڌڻ شاهه پنجو نئون ڳوٺ فريدآباد ڪي اين شاهه سيتا روڊ ۽ ٻين شهرن توڙي ڪڇي ۽ ڪاڇي جي ڏورانهن علائقن ۾ وڏي تعداد ۾ عطائي ڊاڪٽر ڪلينڪون کولي ويٺل آهن جيڪي انساني جانين سان کيڏي رهيا آهن ۽ ڊي ايڇ او دادو فوڪل پرسن هيلٿ دادو ۽ هيلٿ ڪميشن لاڙڪاڻو جي آفيسرن کي هر مهيني پئسا ڏين ٿا هتان جي شهرين ۽ سماجي اڳواڻن ٻڌايو ته باڻر عطائي ڊاڪٽر جيڪي هر روز سوين انساني زندگين سان کيڏي رهيا آهن جن کي ڪير به چوڻ وارو نه آهي جيڪي ڪجهه پيسن عيوض ماڻهن کي موت جي منهن ۾ وجهي پنهنجا پيٽ پري رهيا ميهڙ ۽ ڪي اين شاهه تعلقي جي ڪاڇي ۽ ڪڇي جي ڏورانهن واري علائقن ۾ سيڪرائيٽ عطائي ڊاڪٽر ۽ ڊسپينسر جيڪي پاڻ کي ايم بي بي ايس ڊاڪٽر سڏائي ڪلينڪون کوليون ويٺا آهن هزارين آبادي سان دشمني ڪري رهيا آهن ان سان گڏ غير تربيت يافته دائيون ۽ نرسون پڻ ويم ڪرائي عورتن کي مهلڪ بيمارين جي منهن ۾ ڏيڻ سان گڏ ڪيترن عورتن جا ٻار پيٽ ۾ ماري عورتن کي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيون ٿيون جنهن کي ٻار مرن ٿا ته ڪي عورتون به مرن ٿيون جڏهن ته ڪيترين سرڪاري ڊاڪٽرياڻيون پڻ لکين رپيا پگهارون کڻڻ باوجود پاڻ ويم نٿيون ڪرائڻ پر انهن داين کان ڪرائين ٿيون جڏهن ته ضلعي انتظاميه ۽ دادو صحت کاتي جي عملدارن کي سڀ خبر آهي ته ڪهڙا ماڻهون پاڻ کي ڊاڪٽر سڏائي عوام جي زندگي سان کيڏي رهيا آهن شهرن ٻهراڙين سان گڏ اڄ به هيڊ ڪوارٽر شهر ۾ پڻ عطائي ڊاڪٽر موجود آهن جيڪي پاڻ کي مختلف بيمارين جا ماهر سڏائي انساني زندگي سان راند ڪيڏي عظيم پيشي کي بدنام ڪري رهيا آهن ڪجهه اهڙا به عطائي ڊاڪٽر آهن جيڪي پاڻ سرڪاري ملازم آهن جن جو ڊسپينسر جو ڪورس ٿيل آهي پر هو پاڻ کي ڊاڪٽر سڏائي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪلينڪون کولي ٻنهي هٿن سان مختلف بيمارين ۾ وڪوڙيل شهرين کي لٽي رهيا آهن ۽ هٿ سان عوام کي مهلڪ بيمارين ۾ ڌڪي رهيا آهن دادو ضلعي انتظاميه ڊي سي دادو ڊي ايڇ او دادو فوڪل پرسن هيلٿ دادو ۽ هيلٿ ڪميشن لاڙڪاڻو کي گهرجي ته فوري طور عطائي ڊاڪٽرن کي گرفتار ڪري سندس مٿان ڪيس داخل ڪري ڳوٺن ۽ شهرن جي انسانن جون زندگيون بچايون وڃن

ٿالهي لڳ مبينا طور اغوا ٿيل نينگري جو پتو نه پوڻ تي وارثن جو بازيابي لاءِ احتجاج

۾ هفتا اڳ ڇوڪري اغوا ڪئي وئي، پوليس ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي: مظاهرين

ڪجهه ڏينهن اڳ ڇوڪري جا وارث آيا هئا پر ڪيس داخل نه ڪرايو، ٿاڻي تي اچن ته ڪيس داخل ڪيو ويندو: پوليس

وسندي ڌي مکهو ڪولهي، روپچند پٽ رتنو ڪولهي سان ڪورٽ ۾ پسند جو پرڻو ڪيو آهي: ذريعا

ٿالهي (ن ع) ٿالهي لڳ ڳوٺ غلام قادر چانڊيو مان ۾ هفتا اڳ مبينا طور اغوا ٿيل نينگري وسندي ڌي مکهو ڪولهي جو پتو نه پوڻ تي سگهيو وارثن پاران پريس ڪلب ٿالهي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي سلسلي ۾ احتجاج ۾ شريڪ سندس پيءُ مکهو ولد ڪلجي ڪولهي، ڀاري ڌاڻ مکهو ڪولهي، راڄچند پٽ پيرجي پگواڻداس، پٽ پيرجي، هيمي ڌاڻ پاوو ڪولهي، ڪملان ڌاڻ پگوانداس ڪولهيءَ ٻين ميڊيا اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو ته ۾ هفتا اڳ روپچند پٽ رتنو ڪولهي، پريم پٽ رتنو ۽ رتنو ڪولهي وارا منهنجي نياڻي کي اغوا ڪري ڪٽي ويا آهن جنهن جي دانهن اسان ٿالهي ٿاڻي تي ڏني پر گذريل پندرهن ڏينهن کان ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر پوليس ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڇوڪري جي عمر 12 کان 13 سالن جي آهي معاملي جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي هوڏانهن ٿالهي پوليس سان رابطو ڪرڻ تي هنن جو چوڻ هو ته ڪجهه ڏينهن پهرئين ڇوڪري جا وارث اسان وٽ آيا هئا پر ڪيس داخل نه ڪرايو نينگر جا وارث ٿاڻي تي اچن ته سندس فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويندو ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته وسندي ڌي مکهو ڪولهي روپچند پٽ رتنو ڪولهي سان ڪورٽ ۾ پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي.

ٿالهي: اغوا ٿيل نينگري جو پتو نه پوڻ تي وارث احتجاج ڪندي

ملڪ ۾ هن وقت آئين ۽ قانون جي بالادستي ختم ٿي چڪي آهي: فهيم خان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي ڊويزن جي سينيئر نائب صدر ۽ اڳوڻي ايم اين اي فهيم خان چيو آهي ته ملڪ ۾ هن وقت آئين ۽ قانون جي بالادستي ختم ٿي چڪي آهي. هن چيو ته 26هين ترميم ذريعي آئين کي توڙيو ويو ۽ هاڻي 27هين ترميم ذريعي ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو پيو وڃي. فهيم خان چيو ته جيڪڏهن ملڪ کي مضبوط بڻائڻو آهي ته سياسي استحڪام آڻڻو پوندو.

ٺٽو سول اسپتال گائني وارڊ جي عملي ڳورهاري عورت کي ٻاهر ڪيڏي ڇڏيو، وارڊ ٻاهران ٻار کي جنم

ڳورهاري عورت وارڊ ۾ داخل نه ٿيڻ سبب گائني وارڊ ٻاهران ٻار کي جنم ڏنو وارثن ۽ ٻين مريضن جي احتجاج بعد وارڊ منتقل

اسان ڳورهاري عورت کي ويم لاءِ آندو پر ليبر روم ۾ منتقل ڪرڻ بجاءِ ڌڪا ڏيئي اسانکي ٻاهر ڪڍيو ويو: وارث

ڊاڪٽرياڻيون خانگي اسپتالون هلائيندڙ آهن جنهنڪري ڳورهاري عورتن کي پريشان ڪري سندن خانگي اسپتالن ڏانهن اماڻيو وڃي ٿو

ٺٽو (ڊ ر) سول اسپتال ٺٽو جي گائني شعبي ۾ ويم لاءِ آيل ڳورهاري عورتن سان ڊاڪٽرن سميت اسٽاف جي ناروا رويي جي انتها، هڪ ڳورهاري عورت کي گائني وارڊ ۾ داخل ڪرڻ کان جواب ڏيئي ٻاهر ڪيڏي ڇڏيو ملاح برادري جي هڪ ويم لاءِ آندل ڳورهاري عورت گائني وارڊ ٻاهران معصوم ٻار کي جنم ڏنو ٻين مريضن جي وارثن پهچي سخت احتجاج ۽ مداخلت بعد عورت ۽ سندس ٻار کي وارڊ منتقل ڪرايس گائني وارڊ ٻاهران ٻارڙي کي جنم ڏيندڙ عورت سان آيل وارثن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان ڪافي دير کان هتي ڊاڪٽرياڻين کي منٿون ڪري رهيا آهيون ته ڳورهاري عورت کي ويم جي سخت تڪليف آهي ڪيس وارڊ ۾ داخل ڪري يا ليبر روم ۾ منتقل ڪيو وڃي پر ڌڪا ڏيئي اسانکي ٻاهر ڪڍيو ويو سول اسپتال ٺٽو جي گائني وارڊ ۾ ڊاڪٽرياڻين ۽ عملي جو اهو رويو هميشه رهي ٿو اهڙي قسم جا ڪيترائي واقعا سامهون آيا آهن اڪثر ڊاڪٽرياڻيون خانگي اسپتالون هلائيندڙ آهن جنهنڪري ڳورهاري عورتن کي پريشان ڪري سندن خانگي اسپتالن ڏانهن اماڻي ڳري رقم عيوض آپريشن ذريعي ويم ڪرايا وڃن ٿا معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي.

ڏگهڙي ۾ آسماني بجلي سبب فوت ٿيل نوجوان لاءِ صوبائي وزير پاران 20 لک رپين جي امداد

ٿانور ڪولهي جي والد کي وزيراعظم هائوس ۽ اين ڊي ايم اي طرفان امدادي چيڪ حوالي ڪيو ويو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي آسماني بجلي ڪرڻ سبب فوت ٿيل نوجوان جي وارثن کي صوبائي وزير 20 لک رپين جو امدادي چيڪ حوالو ڪيو ويو تفصيل موجب وزيراعظم هائوس ۽ اين ڊي ايم اي طرفان حاليہ مون سون دوران آسماني بجلي ڪرڻ سبب فوت ٿيل 17 سالن جي نوجوان ٿانور ولد چنجي لاءِ 2 ملين رپين جو چيڪ حلقي مان چونڊيل سماجي ڀلائي واري صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر ميڊيا ۽ انتظاميا جي موجودگي ۾ فوتي ٿانور ڪولهي جي والد چنجي ڪولهي جي حوالي ڪيو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏگهڙي اختر لاشاري ۽ مختيارڪار ڏگهڙي محمد قاسم ڏاڏو پڻ موجود هئا.

ڏگهڙي: فوت ٿيل نوجوان جي وارثن کي صوبائي وزير مير طارق ٽالپر چيڪ ڏيندي

نئون ڳوٺ پرسان آل سرگاڻي ويلفيئر ايسوسيئيشن جي ڪلڇائي ٿي گڏري

نئون ڳوٺ (ن ع) نئون ڳوٺ پرسان ڳوٺ صوبيدار خان سرگاڻي ۾ آل سرگاڻي ويلفيئر ايسوسيئيشن پاڪستان جي جنرل ڪلڇائي ٿي گڏري، جنهن ۾ مرڪزي پروگرام جي حساب سان غور ويچار ڪيو ويو نئون ڳوٺ لڳ ڳوٺ صوبيدار خان سرگاڻي ۾ آل سرگاڻي ويلفيئر ايسوسيئيشن پاڪستان جي جنرل ڪلڇائي ۾ مرڪزي پروگرام بابت غور ويچار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ مرڪزي نائب صدر مصور علي سرگاڻي صوبائي نائب صدر روشن علي سرگاڻي صوبائي نائب صدر واحد بخش سرگاڻي صوبائي جنرل سيڪريٽري رياض احمد سرگاڻي صوبائي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري نجف علي سرگاڻي ضلع لاڙڪاڻو صدر برڪت علي سرگاڻي ضلع لاڙڪاڻو صدر مطلوب علي سرگاڻي ضلع دادو خزانچي سيڪريٽري ڊاڪٽر فاروق احمد سرگاڻي ميمبر اي ايس آءِ نور محمد سرگاڻي سائين اظهر علي سرگاڻي اسد علي سرگاڻي معراج علي سرگاڻي گلشن علي سرگاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي، جنهن ۾ سڀني جي متفق راءِ سان فيصلو ڪيو ويو ته مرڪزي پروگرام 7 ڊسمبر 2025 بروز آچر تي نائب صدر روشن علي سرگاڻي جي اوطاق تي ڪيو ويندو جڏهن ته پروگرام جو مالي خرچ ضلع لاڙڪاڻو ۽ ضلع دادو ۾ رهندڙ 1سو جا عهديدار همدرد ساٿي ادا ڪندا، ٻري کان آيل دوستن جي رهائش جو بندوبست ڳوٺ صوبيدار خان سرگاڻي، رهندڙ اسوا جا ساٿي مڪمل خدمت سرانجام ڏيندا، ۽ آيل مهمانن کي سنڌ جي رسم آجر جا تحفه پڻ پيش ڪيا ويندا.

ڪراچي ۾ سيد جلال شاهه جي ۽ غلام رسول انڙ سان هٿ فاتح

مٽياري (ڊ ر) فنڪشنل مسلم ليگ جي مرڪزي اڳواڻ جي ڊي اي جي ڪور ڪميٽي جي ميمبر سابق صوبائي وزير سيد جلال شاهه گذريل ڏينهن اڳوڻي صوبائي وزير غلام رسول انڙ سان هٿ فاتح ڪراچي سندس رهائش گاهه تي ڪئي جتي سيد مسلم شاهه پڻ گڏ هو

مورو ۾ چوويهين ۽ ستاويهن ترميم خلاف مختلف تنظيمن پاران احتجاج

مورو (ن ع) تحفظ آئين پاڪستان ڪائونسل طرفان پوري ملڪ اندر چوويهين ۽ ستاويهن ترميم خلاف اڄ احتجاج جي ڪال ڏني وئي هئي جنهن تحت مورو شهر اندر مختلف جماعتن جي اڳواڻن محمد ياسين سومرو، محمد رمضان لنڊ، عباس حبيب، جان محمد پنجارو غلام مصطفي، ابرار مورائي جي اڳواڻي ۾ مورو پراڻي نادرا آفيس کان مورو پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته ملڪ اندر هڪ مخصوص ٽولو حڪمراني ڪرڻ خاطر ملڪ جي قانون سان چيڙ چاڙ ڪري رهيو آهي هو تاحيات حڪمراني ڪرڻ چاهين ٿا جنهن سبب عوامي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي ستاويهن ترميم بعد اٺاويهين ترميم آندي ويندي جنهن سان صوبن جي خودمختياري ۽ اين ايف سي ايوارڊ تي پڻ ڌاڙو هنيو ويندو موجوده ترميم سبب هن وقت عدليه کان پاور کسيا ويا آهن عدالتن جو ڪوبه معيار باقي ناهي رهيو اگر ملڪ اندر عدل ۽ انصاف نه رهندو ته پوءِ ملڪ اندر ڊڪٽيٽر پيدا ٿيندا جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي مظاهرين پاران چتاءُ ڏنو ويو آهي ته مرڪزي حڪمن تحت احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

ڪراچي: سيد جلال محمود شاهه غلام رسول انڙ سان فاتح ڪري رهيو آهي

ڪنڊيارو ۾ حضرت سهڻا سائين جو 42 هون عرس پڄاڻي تي پهتو

عرس ۾ دنيا سميت ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عقيدتمندن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياريو جيڪو اڄ ڪلهه جي دور ۾ انتهائي ضروري آهي: سجڻ سائين

ڪنڊيارو (ن ع) سنڌ جي مشهور صوفي بزرگ حضرت سهڻا سائين جو 42 هون ساليانو عرس مبارڪ درگاهه الله آباد شريف ڪنڊيارو ۾ پنهنجي پڄاڻي تي پهتو اجتماعي دعا گهرڻ مهل مريدن مڱڻ گريه طاري، لکين عقيدت مند پنهنجي گناهن جي معافي لاءِ زاروقطار روئي رب کي ٻاڏايو عرس ۾ ملڪ سميت دنيا جي مختلف ملڪن مان آيل لکين عقيدتمندن شرڪت ڪئي ٻه ڏينهن جاري رهندڙ عرس تقريبن جي آخري ڏينهن تي درگاهه جي گادي نشين حضرت سجڻ سائين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياريو جيڪو اڄ ڪلهه جي دور ۾ انتهائي ضروري آهي. ڏال مڙس کي هڪ ٻئي جو خيال رکڻ گهرجي، دل مان ڪينو بغض کي ختم ڪري دل کي پاڪ صاف رکو ايئن ڪرڻ سان دلي سڪون به حاصل ٿيندو، پاڙي وارن سان سلو سلوڪ ڪيو وڃي. سجڻ سائين پنهنجي خطاب ۾ پاڪستان جي بقا طرقي ۽ خوشحالي لاءِ پڻ دعا گهرندي چيو ته ملڪ جي حڪمرانن تي به فرض عائد ٿئي ٿو ته هو پنهنجي عهدي جو صحيح استعمال ڪرڻ گهرجي عرس جي موقعي تي حفاظتي انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن ۽ درگاهه جي داخلي جي رستن تي واڪ ٿرو گيٽ لڳايا ويا هيا عرس جي موقعي تي ملڪ جا مشهور عالم سگهورن ۽ نامور نعت خوانن پڻ سهڻا سائين جي ڪيل ديني خدمتن تي روشني وڌي جڏهن ته عرس جي موقعي تي مدرسہ جامعہ عربيہ غفاريہ مان فارغ ٿيندڙ عالمن ۽ سوين حافظن جي دستاربندي پڻ ڪئي وئي عرس تقريبن کي انٽرنيٽ ذريعي سموري دنيا ۾ سڌيءَ ريت ڏيکارڻ جو بندوبست پڻ ڪيو ويو هيو

ننگرپارڪر ۾ ڳوٺاڻن جو باڻرن ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

باڻرن ننگر سائند ۽ ٻين اسان مٿان فائر ڪري مارڻ جي ڪوشش ڪئي: مظاهرين

20 ڏينهن اڳ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو پر پوليس ڌوهارين سان ملوث آهي

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر پريس ڪلب آڏو ڳوٺ جيليار جي رهواسين مصري، مشتاق علي، شهداد، ملهان الطاف، حاڪم سڪندر سائند ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته ڳوٺ جي باڻرن ننگر سائند، سخي سائند محمد، صديق، غفور اصغر اشرف سائند ۽ ٻين اسان جي مٿان بندوقن جا سڌا فائر ڪري اسان کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي، اسان 20 ڏينهن اڳ ڊانوڊانڊل ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو پر ڊانوڊانڊل پوليس ڌوهارين سان ملوث آهي اڄ تائين ڪوبہ جوابدار گرفتار ناهي ڪيو باڻر ڌوهاري اسان جي گهرن تي اسان جي مٿان روز حملا ڪن ٿا، اسان جون عورتون ۽ ٻارڙا گهر کان ٻاهر نڪري نٿا سگهن هنن چيو ته اسان جي باڻر اڄ يا صبح وڏو نقصان ڪندا پر ڪين ڪير به روڪڻ وارو ڪونهي اسان پوليس کي دانهن ڏيون ٿا ته پوليس ڌوهارين کي گرفتار نٿي ڪري هنن مطالبو ڪيو ته ايس ايس پي ٿرپارڪر کي فوري نوٽيس وٺي اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ ڌوهارين خلاف قانوني قدم کنيو وڃي

پنگريو ۾ بابا جرڪس رح جو ٽي روزه عرس مبارڪ شروع

درگاهه جي متولي ۽ ٻين روحاني اڳواڻن مزار تي چادر چاڙهي تقريب جو افتتاح ڪيو

پنگريو (ن ع) غوثيه سلسلي جي معروف روحاني بزرگ اولياء بابا جرڪس رح جو ٽي روزه عرس مبارڪ پنگريو کان اڌ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي واقع ان جي درگاهه تي شروع ٿي ويو آهي عرس جي تقريب جو افتتاح درگاهه جي متولي خليفه فقير حسين درس وڏيري محمد رمضان درس ۽ ٿلو کان آيل وڏيري همير احمد سرڪي وڏيري پورو خان سرڪي وڏيري نورحسن سرڪي وڏيري لطف علي سرڪي وڏيري خان محمد سرڪي وڏيري جمن سرڪي وڏيري سيفل سرڪي ۽ درگاهه جي مريدن وعقيدت مندن سان گڏ درگاهه جي مزار تي چادر چاڙهي افتتاح ڪيو ان موقع تي درگاهه تي فاتح پڙهي ۽ ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعا ڪئي وئي عرس جي موقع تي زائرين جي لاءِ لنگر جو بندوبست ڪيو ويو هو عرس جون تقريبون ٽي ڏينهن جاري رهنديون جنهن ۾ علماء دين تقريرون پڻ ڪندا.

پٿورو: نواب تيمور ٽالپر جهانگير آريسر سان تعزيت ڪري رهيو آهي

پٿورو: نواب تيمور ٽالپر جي حاجي عبدالحق آريسر جي وفات تي جهانگير آريسر سان تعزيت

پٿورو (ن ع) سائين سيد سردار علي شاهه صاحب وزير تعليم معدنيات ۽ ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر پٿورو پرسان ڳوٺ هوندو آريسر پهچي پٿورو جي سينيئر پ پ پ اڳواڻ حاجي عبدالحق آريسر جي وفات تي پوئين جهانگير آريسر سان تعزيت ڪئي ۽ ڏڪ ونڊيو ۽ سندس پٽ جهانگير آريسر کي دستار ڪرائي ساڻس گڏ ميان خالد ولهاري وائيس چيئرمين ضلع ڪائونسل عمر ڪوٽ حاجي عبدالرشيد شر ميمبر ضلع ڪائونسل عمر ڪوٽ ارشاد پلي صاحب نور محمد ولهاري صدر تعلقه پٿورو سيد ساجد علي شاهه نور الدين سمون چيئرمن ڪمار ڪرماڻي علي شير سميجو جهانگير بلوچ چيئر مين ٽائون ڪميٽي شادي پلي سيد دلشاد علي شاهه چيئرمين رضا حميد آرائين علي شير سميجو مختيار ڪار پٿورو سڪندر گيلاڙو چيئرمين شنڪر لعل مالهي آغا عرفان ڊاڪٽر هيرا لعل ڊولو اوڊ گلشير بلوچ اسد شر ۽ ٻيا معززين پڻ موجود هئا.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 24 نومبر 2025ع

جي ايس پي پلس ڊائلاگ- پاڪستان لاءِ نئون واعدو يا پراڻيون آزمائشون؟

برسلز ۾ پاڪستان ۽ يورپي يونين جي وچ ۾ ٿيل ستين اسٽريٽيجڪ ڊائلاگ هڪ اهم پيش رفت طور سامهون آيو آهي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جي گڏيل اتفاق راءِ سان جي ايس پي پلس انتظامات ذريعي واپار ۽ سرمائيڪاري کي مستقبل جي لاڳاپن جو مرڪزي نڪتو قرار ڏنو ويو آهي، جا ڳالهه يقيناً حوصله افزا آهي ته پاڪستان ۽ يورپ ٻنهي طرفن کان نه رڳو واپاري انحصار وڌائڻ جي خواهش رکي پئي وڃي پر استحڪام، پائيدار ترقي ۽ عالمي چيلنجز لاءِ گڏيل حڪمتِ عملي ٺاهڻ جي ضرورت تي به زور ڏنو ويو آهي. پر سوال اهو آهي ته ڇا هيءَ پيش رفت پاڪستان لاءِ نئون موقعو ثابت ٿيندي يا وري پراڻين آزمائشن جي ئي ڪڙي بڻبي؟

جي ايس پي پلس درحقيقت پاڪستان لاءِ گذريل ڏهاڪي ۾ هڪ وڏو سهارو رهيو آهي. ان منصوبي تحت پاڪستان کي يورپي مارڪيٽن ۾ ڊيوٽي فري يا گهٽ ڊيوٽي سان رسائي ملي، جنهن سان نه رڳو ٽيڪسٽائل برآمدات وڌيون پر لکين خاندانن جي روزگار جو سلسلو جڙيو پيو هاڻي جڏهن ڊار- ڪالس ملاقات ۾ اها تصديق ٿي آهي ته جي ايس پي پلس جا مستقبل جا انتظام ٻنهي ڌرين جي لاڳاپن جو اهم حصو هوندا، ته ان مان اميد جا در ضرور کلي رهيا آهن. پر ساڳي وقت يورپي يونين جن انساني حقن، اقليتي آزادين، جبري گمشدگين، توهين مذهب قانونن، عورتن جي حقن ۽ چائلڊ ليبر بابت خدشن جو ذڪر ڪيو آهي، اهي ايڏا معمولي نقطا نه آهن جن کي نظرانداز ڪري پاڪستان اڳتي وڌي سگهي. جي ايس پي پلس اسٽيٽس حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان کي 27 بين الاقوامي ڪنوينشنز تي عملدرآمد ڏيکارڻو پوي ٿو ۽ 2025 جي آخري ته ماهي ۾ اينڊز مانيٽرنگ مشن ان ئي تعميل جو جائزو وٺندي. هن پس منظر ۾ پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته هو يورپي خدشن کي 'ٻاهريون دٻاءُ' نه سمجهي، پر انهن کي اندروني سڌارن جي ضرورت طور قبول ڪري. ڇو ته دنيا ۾ معاشي ترقي هاڻي قانوني شفافيت، انساني حقن جي پاسداري ۽ سماجي ذميواريءَ سان لاڳاپيل آهي. جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي اندروني نظام کي وڌيڪ شفاف، جوابده ۽ عالمي معيارن سان هم آهنگ بڻائي ٿو ته اهو فقط برآمدي مراعات حاصل ڪرڻ لاءِ نه پر ملڪ جي سماجي ۽ اقتصادي سڌاري لاءِ به ناگزير آهي. برسلز ڊائلاگ ۾ روزگار جي تخليق، اقتصادي موقعن جي توسيع ۽ برآمدي مامرن تي به ڌيان ڏنو ويو. پر سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان وٽ پنهنجي پيداوار وڌائڻ، صنعتن کي اپ گريڊ ڪرڻ ۽ واپار دوست پاليسيون ٺاهڻ جي حقيقي صلاحيت موجود آهي؟ جيڪڏهن پاڪستان جا فيڪٽري مالڪ، سرڪاري ادارا ۽ تجارتي قيادت صرف مراعات وٺڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا، بغير ڪنهن ڊگهي مدي واري منصوبابندي جي، ته پوءِ جي ايس پي پلس جا فائدا رڳو ڪاغذن تائين محدود رهندا.

هن ڊائلاگ جو هڪ اهم پاسو اهو به هو ته ٻنهي ڌرين افغانستان وچ اوڀر ۽ عالمي صورتحال تي به خيالن جو ڏي وٺ ڪئي. اهو واضع ڪري ٿو ته يورپي يونين هاڻي پاڪستان کي هڪ مڪمل اسٽريٽجڪ پارٽنر طور ڏسي رهي آهي، جنهن سان عالمي امن، موسمياتي تبديلي ۽ ريجنل استحڪام بابت وڌيڪ ويجهي تعاون جو امڪان وڌي ٿو. پر دنيا جي سياست ۾ اسٽريٽجڪ ڀائيواري صرف سفارتي اسٽيج تي بيانن سان ناهي ٿيندي؛ ان لاءِ ملڪ جي اندروني پاليسين، قانوني فريم ورڪ ۽ انساني حقن جي صورتحال کي عالمي معيارن موجب بهتر ڪرڻ لازمي آهي. پاڪستان لاءِ هاڻي سڀ کان وڏو چيلنج اهو آهي ته هو پنهنجي اندروني تضادن کي منهن ڏئي: هڪ طرف دنيا جي سڀ کان وڏي مارڪيٽ (EU) سان معاشي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ، ٻي طرف اهڙا قانون، عمل ۽ ادارا جن تي يورپ کي اعتراض آهي. انهن کي ڪيئن بهتر ڪيو وڃي؟ اقليتن جي آزادي، صحافت جي آزادي، جيلن جو حال ۽ جبري گمشدگيون بين الاقوامي برادرين جي نظر ۾ آهن. جيڪڏهن پاڪستان حقيقي سڌارا ڪرڻ ۾ سنجيده آهي ته پوءِ هن وقت جي سفارتي موقعن مان ڪيترائي وسيع اقتصادي در کلي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن پاڪستان روايتي سرڪاري رويو اختيار ڪندو- يعني چوٽ، وقت وٺڻ يا رپورٽن ۾ صرف 'ڪاميابيون' ڏيکارڻ- ته پوءِ نه صرف جي ايس پي پلس خطري ۾ پوندو، پر ملڪ جي برآمدات ۽ صنعتي روزگار به سڌو متاثر ٿيندو. اهو ياد رکڻ گهرجي ته يورپي يونين صرف معاشي شراڪت نٿي چاهي، پر قدرن تي ٻڌل به طرفو تعلق چاهي ٿي. ان ڪري پاڪستان کي انهن قدرن سان مطابقت پيدا ڪرڻي پوندي.

باباءِ پشتو صحافت- پير سيد سفيد شاھ همدرد

پير هارون شاھ

روزاني وحدت پشاور جا بنياد وجهندڙ ۽ پشتو صحافت جا بزرگ، پير سيد سفيد شاھ همدرد، 24 نومبر 2020ع تي هيءَ فاني دنيا ڇڏي ويا. سندن نالو پاڪستان جي صحافتي تاريخ جي انهن ٿورڙين ئي عظيم هستين ۾ شمار ٿئي ٿو جن صحافت کي رڳو روزگار نه پر هڪ مشن سمجهي اختيار ڪيو ۽ قومي جذبي سان سچائي ۽ حق تي ٻڌل صحافت جي واڌاري ۾ وڏو حصو ورتو. پاڻ اڌ صدي اڳ پاڪستان جو پهريون ۽ سڀ کان وڏو پشتو روزانو جاري ڪري پشتو صحافت جا بنياد مضبوط ڪيا. اڄ به دنيا ۾ جتي ڪٿي پشتو صحافت جو ڏيئو روشن آهي، اتي پير صاحب جي تربيت ڪيل قلمڪار ۽ روزاني وحدت جي ساٿ مان نڪتل صحافي موجود آهن، جيڪي هن بزرگ جي خدمتن جو جيئرو ثبوت آهن.



پشتو صحافت جي تاريخ جڏهن به قلمبند ڪئي ويندي، ان جا پهريان ۽ سونهري ورق هڪ ئي نالي سان روشن نظر ايندا- پير سيد سفيد شاھ همدرد. اها عظمت رکندڙ هستي، جنهن نه رڳو پنجاھ ورهيه اڳ پاڪستان جي پهرين وڏي پشتو روزانه - روزانه وحدت پشاور- قائم ڪئي، پر پنهنجي اصولي روش، فڪري پختگي ۽ بلند صحافتي ڏاهپ ذريعي پشتو صحافت کي هڪ منظم ۽ باوقار شڪل ڏني. سندن جدوجهد نه رڳو پشتو ٻوليءَ جي ماڻ کي وڌايو، پر سڄي خطي ۾ صحافتي سجاڳي، فڪري تربيت ۽ نظرياتي پختگيءَ جا مضبوط بنياد وڌا. اڄ دنيا جي جنهن ڪنڊ ۾ به پشتو صحافت جي روشني ڏسبي، اتي پير صاحب جي محنت، اخلاص ۽ خدمتن جي مهڪ صاف محسوس ٿيندي.

گذريل 52 ورهين دوران روزاني وحدت پشتو ٻوليءَ جا ڪروڙين لفظ پڙهندڙن تائين پهچائي، ماڻهن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ خبرن ۽ خيالن کان واقف ڪرائي ڇڏيو. پشتو ٻولي ۽ ادب جي اهڙي بي لوث خدمت هن خطي جي صحافتي تاريخ ۾ بي هنڌ ڪٿي نه ٿي ملي. هڪ پاسي پنهنجي دور جا ناميارا دانشور، اديب، شاعر

ڳوناٽيون ڳالهيون جاڻندڙ ۽ محقق روزاني وحدت سان جڙيل رهيا ته ٻئي پاسي پير صاحب هميشه نوجوان ليکڪن ۽ نون قلمڪارن جي حوصلا افزائي ڪندا رهيا. اهڙي سرپرستيءَ جو نتيجو ئي آهي جو اڄ وڏي انگ ۾ پشتو ڪالم نويس، رپورٽر، اديب ۽ شاعر پنهنجي صلاحيتن کي ڪم ۾ آڻي، پشتو ادب ۽ صحافت کي نيون راهون ڏيئي رهيا آهن.

پير سيد سفيد شاھ همدرد ۽ روزاني وحدت جي اڌ صديءَ تائين غير جانبداري، اصول پسندي ۽ اعتدال تي ٻڌل پاليسي تي قائم رهڻ جو ئي ثمر آهي جو پير صاحب جي ذات ۽ سندن اخبار هڪ غير تڪراري ۽ هڪ باوقار مقام تي فائز رهيا آهن. سندن ئي خدمتن جي اعتراف ۾ حڪومتِ پاڪستان کين به قومي ايوارڊ عطا ڪيا، جڏهن ته افغانستان جي حڪومت به هڪ اعليٰ ترين صدارتي اعزاز سان کين نوازيو. عالمي پشتو ڪانفرنس به کين 'باباءِ پشتو صحافت' جو لقب ڏئي سندن علمي ۽ صحافتي عظمت تي مُهر هڻي ڇڏي. الله پاڪ پير سيد سفيد شاھ همدرد جا درجا بلند ڪري، سندن لاءِ ۽ برڪتون سدائين قائم رکي، آمين.

(نوٽ: ليکڪ روزاني 'وحدت پشاور' جو چيف ايڊيٽر آهي)

اي آئي ڪيپسول: طبي دنيا ۾ هڪ انقلابي قدم!

غلام فاروق

طبي سائنس دنيا جي هر پاسي ۾ ترقي ڪري رهي آهي ۽ چين هن ميدان ۾ پنهنجي جديد ٽيڪنالاجيءَ سان دنيا کي حيران ڪري رهيو آهي. تازو ئي چين پاران تيار ڪيل هڪ اي آئي پاورڊ ڪيپسول جو پڻ اعلان ٿيو آهي، جنهن معدي ۽ آنڊن جي بيمارين جي تپاس ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. هن ڪيپسول سان هاڻي پيٽ جي معائني لاءِ نلڪين ۽ پيچيده ٽيسٽن جي ضرورت ختم ٿي وئي آهي. صرف هڪ ننڍڙو ڪيپسول کائڻ سان 8 منٽن ۾ معدي جو مڪمل معائنو ٿي ويندو آهي ۽ اهو به بغير ڪنهن سور، اينيسٿيزيا يا تڪليف جي. هن ڪيپسول جي قيمت صرف 280 آمريڪي ڊالر رکي وئي آهي، جيڪا عام ماڻهن لاءِ پهچ ۾ آهي. چيني سائنسدانن جي دعويٰ آهي ته هن ڪيپسول کي هزارين مريضن تي آزمايو ويو آهي ۽ ان جا نتيجا شاندار آيا آهن. هيءَ جديد ايجاد نه صرف چين لاءِ پر سموري دنيا خاص ڪري ترقي پذير ملڪن لاءِ هڪ وڏي نعمت ثابت ٿي سگهي ٿي.

طبي تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته پيٽ جي بيمارين جي تشخيص لاءِ روايتي طريقا هميشه پيچيده ۽ تڪليف ڏيندڙ رهيا آهن. اينڊوسڪوپي جهڙن طريقن ۾ نلڪيون پيٽ ۾ داخل ڪيون وينديون آهن، جيڪي مريض لاءِ دردناڪ هونديون آهن. ان سان گڏ انهن ٽيسٽن ۾ وقت به گهڻو لڳندو آهي ۽ قيمت به وڌيڪ هوندي آهي. پر چيني اي آئي ڪيپسول ان سڀني مسئلن جو حل پيش ڪري رهيو آهي. هي ڪيپسول هڪ ننڍڙي گوريءَ جي شڪل ۾ آهي، جيڪو مريض آسانيءَ سان کائي سگهي ٿو ان ۾ لڳل اي آئي ٽيڪنالاجيءَ سان اهو پيٽ ۽ آنڊن جي تصويرن کي رڪارڊ ڪري ٿو ۽ صرف 8 منٽن ۾ مڪمل تشخيص ڪري ٿو. ان جو بنيادي اصول اهو آهي ته ڪيپسول پيٽ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي حرڪت سان تصويرون وٺي ٿو ۽ اي آئي الگورٿم انهن تصويرن جو تجزيو ڪري پيٽ جي مختلف بيمارين جهڙوڪ السر، ٽيومر، بليڊنگ يا انفيڪشن بابت ٻڌائي ٿو.

چيني ڪمپنين جهڙوڪ انڪان ٽيڪنالاجيز ۽ جنشان سائنس اينڊ ٽيڪنالاجيءَ پاران تيار ڪيل اهڙن طريقن جهڙوڪ نيوي ڪيم ايس بي ۽ اومومر ايچ ڊي، اي آئي سان ملائي ڪم ڪن ٿيون. اهي خاص طور تي ننڍي آنڊي جي بيمارين لاءِ ناهيون ويون آهن پر هاڻي معدي لاءِ به استعمال ٿي رهيون آهن.

هن ڪيپسول جي ترقيءَ جو پس منظر چين جي طبي تحقيق ۾ تيزيءَ سان واڌ آهي. چين دنيا جو اهو ملڪ آهي جتي اي آئي ٽيڪنالاجيءَ کي طبي ميدان ۾ وڏي پيماني تي استعمال ڪيو پيو وڃي. حڪومتي سپورٽ سان چيني ڪمپنيون اهڙيون جديد ايجادون ڪري رهيون آهن جيڪي نه صرف مقامي ضرورتن کي پورو ڪن ٿيون پر عالمي مارڪيٽ ۾ به مقابلو ڪن ٿيون. هن ڪيپسول کي هزارين مريضن تي آزمايو ويو آهي، جنهن ۾ ريٽروسپيڪٽو ۽ پراسپيڪٽو مطالعا شامل آهن. مثال طور، هڪ سئو ٻارنهن مريضن تي ٿيل هڪ مطالعي ۾ 90.5 سيڪڙو رهڻي ۽ پڙهائيءَ جو وقت صرف 1.9 منٽ رهيو اهڙي طرح ٻين مطالعن ۾ به شاندار نتيجا مليا آهن. جنهن سان ثابت ٿيو آهي ته هيءَ ٽيڪنالاجي قابلِ اعتماد آهي.

قيمت جي حوالي سان 280 ڊالر هڪ انقلابي قدم آهي. روايتي اينڊوسڪوپيءَ جي قيمت هزارين ڊالرن ۾ هوندي آهي پر هي ڪيپسول عام ماڻهن لاءِ پهچ ۾ آهي. خاص ڪري ترقي پذير ملڪن جهڙوڪ پاڪستان، هندستان ۽ آفريڪي ملڪن ۾، جتي طبي سهولتون محدود آهن. هي ڪيپسول پيٽ جي بيمارين جي جلد تشخيص سان هزارين زندگيون بچائي سگهي ٿو دنيا ۾ لکين ماڻهو پيٽ جي بيمارين جو شڪار آهن ۽ تشخيص جي دير سان موت جو خطرو وڌي ٿو. هي ايجاد انهن لاءِ اميد جي ڪرڻ آهي.

پر هيءَ سڀ ڪجهه آسان ناهي. اي آئي طريقن ۾ ڪجهه حدون به آهن مثال طور مس ريٽ 6.6 کان 21 سيڪڙو تائين ٿي سگهي ٿو خاص ڪري جيڪڏهن باول پريپيريشن سٺي نه هجي ان سان گڏ اي آئي جو "بليڪ باڪس" طبيعت، يعني ان جو فيصلو ڪيئن ٿو ٿئي؟ اهو سمجهڻ مشڪل آهي، جيڪو اعتماد ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿو. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. مستقبل ۾ اي آئي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ سان ريئل ٽائيم اينالسس ۽ هارڊويئر ۾ ترقيءَ سان هيءَ ٽيڪنالاجي وڌيڪ اثرائتي ٿي سگهي ٿي.

پاڪستان جهڙن ملڪن ۾، جتي خاص طور تي سنڌ جو عوام پيٽ جي بيمارين جو شڪار آهي، تن لاءِ هي ڪيپسول وڏو فائدو ڏئي سگهي ٿي. حڪومت کي گهرجي ته اهڙيون ٽيڪنالاجيز درآمد ڪري ۽ مقامي طبي ادارن ۾ متعارف ڪرائي اهو نه صرف صحت جي شعبي کي بهتر بڻائيندو پر اقتصادي فائدا به ڏيندو هن ايجاد سان چين دنيا کي ٻڌائي رهيو آهي ته اي آئي طبي ميدان ۾ مستقبل آهي. اسان کي به ان مان سبق وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجي تحقيق کي وڌائڻ گهرجي. هيءَ صرف هڪ ڪيپسول ناهي پر صحت جي بهتر مستقبل جو نشان آهي.

عالمي بساط تي پاڪستان جو مقام

احمد وقاص رياض

خطي جي سياست هن وقت هڪ اهڙي نازڪ موڙ تي بيٺل آهي، جتي هر طاقت پنهنجي بساط وڇائي اينڊڙ سياسي چالن جو حساب لڳائي رهي آهي. ڏکڻ ايشيا جي سياست ۽ ڀارت جي عالمي قوتن سان بدلجندڙ ويجهڙائپ ۽ تڪرار نه رڳو ڀارتي ماڻهن پر پوري خطي جي مستقبل تي سڌو اثروجهن ٿا. Bihar جي چونڊن کان وٺي واشنگٽن سان افغانستان بابت راندبازي، يا والاريل ڪشمير جي غير يقيني صورتحال- ڀارت جي سياسي منظرنامي ۾ هر قدم جي پويان چالاڪي، شرارت ۽ حساب ڪتاب موجود آهي. سوال رڳو اهو آهي ته هن حڪمت عمليءَ جو اصل فائدو ڪنهن کي پيو ملي؟ ۽ ان جا نتيجا ڪير ڀوڳيندو؟

ڀارت جي رياست Bihar جي تازين چونڊن هڪ ڀيرو ٻيهر ظاهر ڪيو ته نريندر مودي ۽ سنڌس جماعت ڪهڙي منظم، ڊگهي مدت واري ۽ فريبي حڪمت عملي تحت سياست ڪن ٿا. هي رڳو چونڊن ۾ ڪاميابيءَ جو معاملو نه هو، پر هڪ سوچيل سمجهيل رٿا هئي، جنهن جو مقصد اندروني سياست ۾ پنهنجو موقف پختو ڪرڻ ۽ عالمي سطح تي پنهنجو وزن وڌائڻ به هو. هن مهم ۾ مودي مذهبي ۽ سماجي جذبات سان گڏ معاشي ترغيبات کي انتهائي منظم نموني استعمال ڪيو. جڏهن ته اقليتن تي غير محسوس پر مستقل دٻاءُ وجهي سڄي چونڊ ماحول کي بدلائي ڇڏيو. عورتن لاءِ 'في فرد ڏهه هزار رپيا' ڏيڻ ۽ پولنگ کان اڳ '75 ارب رپين جي مالي امداد' ورهائڻ جهڙا قدم غريب ۽ هيٺين طبقي کي بي جي پي جي حمايت لاءِ متحرڪ ڪرڻ ۾ اهم ثابت ٿيا.

ان سان گڏ 'گهس بيٺين' جهڙا زهر ڀريا نعرا مسلمانن بابت منفي تاثر ۽ ڪين دهشتگرديءَ سان ڳنڍڻ جي مهم به منظم طرح هلائي وئي. نتيجي ۾ اهڙو ماحول پيدا ٿيو جو Bihar جهڙي رياست ۾، جتي مسلمان 18 سيڪڙو آهن، اتي سندن اسيمبليءَ ۾ نمائندگي صرف 4 سيڪڙو رهجي وئي ۽ هو سياسي طور گهٽو پوئتي هٽي ويا. هي منظر رڳو هڪ رياست جو نه آهي، پر اهو وڏي تصوير جو حصو آهي، جنهن ۾ ڀارت پنهنجو سياسي ۽ سماجي DNAتبديل ڪري رهيو آهي. ڪشمير کان دهلي تائين خودساخته واقعا، دهشتگرديءَ جي بيانيي جو سياسي استعمال ۽ اقليتن ۾ خوف پيدا ڪرڻ، ڀارت کي وڌيڪ سختگير قوم پرست رياست بڻائي رهيو آهي. اهڙي صورتحال پاڪستان لاءِ پرڏيهي پاليسيءَ ۾ نوان چئلينج پيدا ڪري ٿي، ڇو ته سخت گير هندو قوم پرست ڀارت هميشه جارحاڻو رويو اختيار ڪري ٿو.

مودي حڪومت هڪ طرف آمريڪا سان دفاعي، ٽيڪنالاجي، اقتصادي ۽ سفارتي لاڳاپا وڌائي رهي آهي؛ اربين ڊالرن جا تيجس جنگي جهازن جا انجڻ، ميزائل ۽ ٽينڪ شڪن نظام خريد ٿي رهيا آهن؛ LPG ورتو پيو وڃي ته ٻئي پاسي روس کان تيل سان گڏ وڌيڪ S-400 ميزائل سسٽم حاصل ڪيا پيا وڃن ۽ جديد پنجين نسل جا اسٽيلٿ جهاز وٺڻ تي ڳالهيون ٿي رهيون آهن. ڀارت ڪولمبو سيڪيورٽي ڪانڪليو ۾ اثر وڌائڻ سان گڏ افغانستان ۽ وچ ايشيا ۾ به پنهنجا پير پختو ڪرڻ چاهي ٿو 2011 کان وٺي افغانستان ۾ اسٽريٽيجڪ پارٽنرشپ، انفراسٽرڪچر منصوبا ۽ هاڻ طالبان حڪومت سان وڌندڙ ويجهڙائپ ظاهر ڪري ٿي ته ڀارت، پاڪ- افغان سرحد کي غير محفوظ بڻائي، پاڪستان تي ڪشمير ۽ اوڀر سرحد جو دٻاءُ گهٽائڻ چاهي ٿو.

افغانستان جي وسيلن، معدنيات، توانائيءَ جي ذخيرن، وچ ايشيا تائين رسائي ۽ خطي جي واپاري رستن تي اثر و رسوخ- اهي سڀ مقصد آهن جيڪي مودي حڪومت جي دفاعي ۽ خارجي پاليسي کي نئين رخ تي وٺي وڃن ٿا.

ڀارت عالمي بساط تي واضح پيغام ڏنو آهي ته هو هن خطي ۾ وڏين طاقتن وانگر پنهنجو مستقل ڪردار چاهي ٿو. آمريڪا ۾ اثر وڌائڻ ۽ چين جي تجارتي قوت کي گهٽائڻ سندس اوليت آهي، پر ساڳي وقت روس ۽ وچ ايشيا سان پنهنجي سفارتي جاءِ به خالي نه ٿو ڇڏڻ چاهي. آمريڪا سان لاڳاپن ۾ لاهن چاڙهن جي باوجود ڀارت نواز لابي اتي مضبوط رهي آهي. ساڳئي وقت ماسڪو ۽ تهران ۾ سفارتي موجودگي قائم رکندي، چين سان تڪرارن باوجود واپاري لاڳاپا وڌائڻ جي ڪوشش به ٿي رهي آهي.

هن سڄي صورتحال ۾ پاڪستان لاءِ وڏو چئلينج افغانستان ۾ وڌندڙ ڀارتي اثر آهي، جيڪو پاڪستان جي سرحدي سلامتي، واپاري رستن ۽ علائقائي ڪردار لاءِ سڌو خطرو بڻجي سگهي ٿو. پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته افغانستان سان اعتماد تي ٻڌل لاڳاپا ٻيهر مضبوط ڪري، طالبان حڪومت کي واضح پيغام ڏئي ته خطي جي امن لاءِ دهشتگرديءَ جو خاتمو ضروري آهي ۽ پاڙيسري اسلامي ملڪن سان ڀائيچاري جا لاڳاپا مضبوط ڪري. اندروني استحڪام ۽ پاڙيسري ملڪن سان امن جا رابطا پاڪستان جي اتر سرحدن جي سلامتيءَ لاءِ تمام اهم آهن. خطي ۾ امن قائم ٿيڻ کان پوءِ واپاري رستا کولڻ سان نه رڳو پاڪستان، پر سمورا پاڙيسري ملڪ خوشحاليءَ ڏانهن وڌڻ جي قابل ٿي سگهن ٿا.

ڀارت جيڪڏهن واقعي اقتصادي طاقت بڻجڻ ٿو چاهي ته کيس انتهاپسندي، سياسي بالادستي ۽ مذهبي جبر تي قابو پائڻو پوندو. پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي وسيلن سفارتي نيٽ ورڪ، عالمي تصوير، ميڊيا انگيجمينٽ ۽ علائقائي تعاون کي موثر نموني استعمال ڪري. ملڪ جي داخلي سياست، معاشي پاليسيون، سماجي پولرائزشن ۽ خارجي ايجنڊا هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. پاڪستان کي رڳو ردعمل ناهي ڏيڻو، پر پنهنجي مفادن مطابق فعال حڪمت عملي اختيار ڪرڻي آهي. سياسي استحڪام، معاشي بحالي، ادارن ۾ سڌارا ۽ موثر سفارتڪاري اهي بنيادي عنصر آهن، جيڪي پاڪستان کي خطي ۽ دنيا ۾ مضبوط ۽ باوقار ڪردار ڏئي سگهن ٿا.

جيڪڏهن پاڪستان وقت سر حقيقت پسند، واضح ۽ ڊگهي عرصي واري پاليسي اختيار ڪري ته هو نه رڳو خطي ۾، پر عالمي سطح تي هڪ مضبوط، خودمختيار ۽ باوقار ملڪ طور پنهنجو مقام حاصل ڪري سگهي ٿو.

هٽرادو شوشا اُٿاري ترميمن تان ڌيان هٽايو پيو وڃي



ايڊووڪيٽ عبيدالله چنڙ

وقت جي حڪومتن پاران اِها روايت قائم ڪئي وئي آهي ته جتي هو ڪو بل يا وري ڪا ترميم ساڻن گڏوگڏ حڪومتي مفادن کي ترجيح ڏيندڙ ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ ڪو هٽرادو شوشو ٺهرائي عوام جي توجهه هٽرائي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندا آهن. اهڙن حڪومتن ۾ ماضيءَ جي نواز ليگي سرڪار هجي يا عمران خان جو اقتداري دور ته وري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اڄ يا ماضيءَ وارو اقتداري دور ڇو نه هجي. هتي هميشه اها ئي روايت رهي آهي، جتي ڪا نئين هٽرادو ڳالهه ڪري ماڻهن جو ڌيان هٽرائڻ لاءِ پنهنجا من پسند فيصلا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا. اهڙوڪي حڪومت جيئن ٿي اقتدار سنڀاريو هو، تنهن کي لڳ ڀڳ ڏيڍ سال گذرڻ ڪانپوءِ پاڻ مجموعي طور اهو ٿي ڏٺو هوندو، جتي ڪڏهن سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ صحافت جو وات بند ڪري پيڪا ايڪٽ آڻڻ، صوبن جو پاڻي چورائڻ لاءِ ارسا ايڪٽ توڙي جو ملڪي عدالتن ۾ تاريخي بدترين مونجهارا پيدا ڪرڻ لاءِ گذريل ڇهن مهينن ۾ ٻه آئيني ترميمون آنديون ويون آهن جڏهن ته سياسي حلقن موجب ته ڪجهه ئي هفتن ڪانپوءِ ٽين يعني 28هين ترميم جا به سانباها ڪيا پيا وڃن. حقيقي طور ڏٺو وڃي ته اڄ جي اقتداري ڌرين پنهنجي اقتدار کي بچائڻ لاءِ جيڪو ڪجهه ڪيو آهي، اُن جي پيٽ ۾ ملڪ جي عوام خاطر ڪنهن به صوبي اندر اٽي ۾ لوڻ برابر به ڪجهه نظر نه ٿو اچي. ملڪ جي عوام کي جيڪو ٿورو گهڻو عدالتن مان انصاف ذريعي ملڻ جي اميد هوندي هئي سا به هن حڪومت ڪڏي ورتي آهي، ايستائين جو ملڪ جي عدالت معزز اعليٰ عدالت اندر اهڙي صورتحال پيدا ڪئي وئي آهي جو بار ۽ بئنچ جنهن رشتي جو ڪو مثال ملڻ به شايد مشڪل هوندو، اڄ انهيءَ مقدس عدالتي احاطن اندر نه ججن کي وڪيلن جو آواز وڻي ٿو نه وري وڪيلن کي وڻندڙ ججن جو ڪو چهرو پسند آهي.

چوڻي "وڙهن سانهه لتاڙجن ٻوڙا" موجب هتي به حالت اها ئي آهي اصل جنگ اقتداري ڪرسي پٺيان جاري آهي. اقتداري ڌر يا مخالف سياسي پارٽيون ايوان اندر هڪ ٻئي کي گارگند ڪان وٺي جتدا پٽ ڪري رهيون آهن يا وري اهڙا هٽرادو منصوبا ناهي عوام جو اصل مقصدن کان ڌيان هٽرائي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ پورا آهن. ملڪ جي عوام اهو خواب ڏسي نمائندن کي چونڊي ايوان تائين خبر ناهي ته وقت جا حڪمران ڪو بهتر مستقبل ناهيندا پر هتي اها خبر ناهي ته وقت جا حڪمران عوام جا ڪيترا خيرخواهه ٿي سندن جي امنگن خاطر ڪم ڪندا يا وري ائين ئي ڏهڻ ۾ ڦاسائيندا رهندا. جيئن گذريل ڏيڍ سال جي عرصي کان ڏسندا پيا اچون ته ملڪ سميت سنڌ جي عوام مسلسل روڊن تي ويٺل آهي. پاڻ ڏٺو ته شروعاتي طور وفاقي حڪومت ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ڪري سنڌو درياهه مان تڪراري ڇهه ڪئنال ڪڍڻ جو اعلان ڪيو ته سنڌ جي ماڻهن مسلسل مهينن جا مهينا رات ڏينهن احتجاج پئي ڪيو، انهيءَ ڏينهن وفاقي حڪومت سنڌ جي عوام جو توجهه ڪئنالن ڏانهن ڦيرائي 26هين آئيني ترميم پاس ڪرائي ورتئون ۽ جيڪو ڪجهه انهن کي حاصل ڪرڻ جو مقصد هو تنهن ۾ هو آسانيءَ سان اِن ڪري ڪامياب ٿي ويا. اڳتي هلي ڪئنالن واري اشوءَ کان هو ڊرامائي انداز مان دستبردار ٿيا جو عدالتي معاملو ٻن حصن ۾ ورهائجي هو مرضيءَ جا ڪم ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪيائون.

26هين ترميم ۾ پاسڻين کان اعليٰ عدالتن اندر جيڪو ڪجهه ٿيندو رهيو سو پاڻ سڀني جي سامهون آهي. ان بعد 27هين آئيني ترميم ۾ حڪومت پنهنجا مقصد حاصل ڪيا آهن پر آئيني عدالتن کي به وجود ۾ آندو ويو آهي. ڪنهن ماضيءَ جي اقتداري ڌر پاران اهڙو عمل ڪڏهن به ناهي ڪيو ويو، جيڪو اڄ ستاويهين ترميم بعد اهن حڪومت ڪيو آهي. هاڻي هڪ ٻئي جون مخالف سياسي ڌريون خانه پوري ڪرڻ لاءِ جيتوڻيڪ پارليامينٽ جي احاطي تائين احتجاج ۾ پوريون آهن. باقي ملڪ خاص طور سنڌ جي وڪيلن کي اڳيان ڪري ڪين احتجاجن نه رڳو مسلسل روڊن مٿان آندو ويو آهي، بلڪ گذريل اڌ مهيني کان جهڙوڪر ڪين بيروزگار ڪيو ويو آهي. سنڌ مختلف بارن اندر سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي مسلسل احتجاج ڪيو پيو وڃي، جتي وڪيل برادريءَ پاران 26هين ۽ 27هين آئيني ترميم کي رد ڪرڻ ۽ استعيفيٰ ڏيندڙ ججن جي واپسيءَ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي.

وڪيلن جي شروع ٿيل اهڙي احتجاجي تحريڪ ۽ منعقد ٿيندڙ ڪنوينشن ڪانپوءِ سنڌ اندر وڪيل برادري به ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪي آهي. سکر ۾ ٿيل لائيرز ڪنوينشن اندر جيڪو واقعو پيش آيو ان جا پيرا به حڪمران ڌر ڏانهن هڏايا پيا وڃن. اهڙي ريت حيدرآباد ۽ سکر ڪانپوءِ گذريل ڏينهن جيڪو ڪراچي هاءِ ڪورٽ بار اندر لائير ڪنوينشن ڪوٺايو ويو هو اتي به ڪيترين ئي مشڪلاتون ان ڪري پيش آيون جو هاءِ ڪورٽ بار صدر بار ۾ اهڙو ڪنوينشن ڪرائڻ جو جواب ڏنو ۽ بعد ۾ وڪيلن ٻاهر وڃي ڪنوينشن ڪرايو هن وقت جيتوڻيڪ وڪيل برادري وچ ۾ جيڪي وڇوٽيون وڌايون پيون وڃن، تن ۾ اصل ڪردار وقت حڪمرانن توڙي مخالفن جو پڻ آهي. هن سڄي گنڀير صورتحال جو اصل مقصد وڪيل برادريءَ کي هڪ ٻئي سان وڙهائي بار جي طاقت ٽوڙڻ سمجهه ۾ اچي ٿي، ڇو ته ملڪ اندر جڏهن به تاريخي ۽ مزاحمتي تحريڪون هليون آهن ته اُن ۾ وڪيل برادري ئي سرفهرست نظر ايندي آهي.

ملڪ جي چئني صوبن جي پيٽ ۾ جيتوڻيڪ سنڌ هڪ طرف گهڻ رُخين مسئلن مان گذري رهي آهي ته وري ٻئي طرف وفاقي حڪومت پاران جيڪي من گهڙت فيصلا ڪري روزانو جي بنياد تي نوان اِشوز ناهيا پيا وڃن جڏهن سنڌ جا ماڻهو چوويهين ۽ ستاويهين ترميم خلاف مسلسل جدوجهد ڪري رهيا آهن ته اتي اهم اشوءَ کان ڌيان هٽرائڻ لاءِ ايم ڪيو ايم پاران نئين صوبي جو رينگٽ شروع ڪيو ويو آهي ته وري ٻئي پاسي وفاقي حڪومت کي نوان ڊئم ناهڻ جو خواب ياد پيو اچي. حقيقي طور ڏٺو وڃي ته حڪومتون جيڪي به پنهنجي اقتدار ۾ رهيون آهن، انهن پاران اهي شوشا صرف انڪري ڇڏيا ويندا آهن جو هو پنهنجي اصل مقصد ۾ ڪامياب ٿين ۽ سنڌ هميشه اها ڳالهه واضح ڪئي آهي ته اها پنهنجو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندي، نه وري ڪو نئون ڊئم به برداشت ڪندي. ماضيءَ ۾ جيڪا به وفاقي حڪومت آئي آهي ته ان کي ڪالاباغ ڊئم جهڙا سنڌ دشمن منصوبا اچانڪ ان ڪري ياد اچي ويندا آهن جو هو پنهنجن ٻين ناپاڪ مقصدن ۾ ڪاميابي ماڻي ناهي سگهندي. اهڙي ريت جيڪڏهن ايم ڪيو ايم جو ذڪر ڪجي ته اهي به وڏي وقت کان اهو خواب تڏهن ڏسندا آهن، جڏهن سندن جي مرضيءَ وارو ڪم يا وري سٺيي وزارت تان هٽ ڏوڻٺو هوندو آهي. اهڙي ريت گڏوگڏ هو هڪ طرف وفاق ۾ پ پ پ سان گڏ ويٺل هجن ٿا ته وري سنڌ اسيمبليءَ ۾ ديس ڏٿين جي اڳيان پاڻ وٺائڻ لاءِ اهڙيون خبرون ڪندي ٻڌا ويندا آهن. جيئن تازو مسلسل اهي افواهه هلايا پيا وڃن ته سنڌ ۾ به صوبا ناهڻ لاءِ مهم هلائيندا پر گڏوگڏ اعليٰ عدالت جو به رُخ ڪندا پر اهو سڀ ڪجهه سنڌ جي عوام جو ستاويهين ترميم کان توجهه هٽائڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي. آئون چوان ٿو ته جيستائين سنڌ جو شعوري ماڻهو زنده آهي، تيستائين ڪالاباغ ڊيم نه ٺهي سگهندو سنڌ جو عوام اهڙين ڳالهين کان پنهنجو توجهه هٽائي حقيقي ڪردار کان الڳ نه ٿين.

عبرت پوسٽ
Ibrat Post
خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

غزه: رت جو سمنڊ ۽ سفارتي منافقت!

غزه، جيڪا ڏرتي صدين کان مزاحمت، صبر ۽ قربانيءَ جي علامت رهي آهي، اڄ ٻيهر باهه، بارود ۽ رت جي درياهه ۾ ٻڏل نظر اچي ٿي. هي ننڍڙو علائقو، جيڪو دنيا جي نقشي تي شايد فقط هڪ پٽي هجي پر تاريخ، غيرت ۽ انساني وقار جي حوالي سان هڪ وڏي ڪهاڻي ان جي اندر سمايل آهي. اڄ جڏهن اسرائيلي فوج جا جديد ترين هٿيار، جنگي جهاز ۽ ميزائيل هن زمين تي وسن ٿا، تڏهن رڳو عمارتون نه ٿيون ڊهن پر اميدون، خواب ۽ مستقبل به ڀُورا ٿيندا وڃن ٿا. غزه ۾ ٿيندڙ ڪارروايون رڳو جنگي حڪمت عملي نه آهن، بلڪ اهي انسانيت خلاف هڪ منظم سازش آهن. معصوم ٻار، جيڪي راندين سان کيڏڻ جو سنهري حق رکن ٿا، اڄ بم جي دهشت ۾ لرزي رهيا آهن. ماءُ جي جهولي، جيڪا هميشه محبت ۽ تحفظ جي علامت رهي آهي، اڄ رت سان رڱجي وئي آهي. پوڙها، جن کي زندگيءَ جي آخر ۾ سڪون ملڻ گهرجي، سي عمارتن جي ملبي هيٺان آخري ساهه کڻي رهيا آهن. اهو سڀ ڪجهه دنيا جي اکين اڳيان ٿي رهيو آهي پر عالمي ضمير اڃا تائين خاموش نظر اچي ٿو.

اسرائيلي رياست جي پاليسين جو بنياد هميشه طاقت، قبضو ۽ جبر رهيو آهي. فلسطينين جي زمينن تي ناجائز قبضو، غيرقانوني آبادڪاري ۽ شهري آباديءَ تي حملا هن سياست جو تسلسل آهن. غزه کي هڪ وڏي جيل ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جتي رستا بند، ساهه کڻڻ تي پابندي ۽ آزاديءَ کي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آهي. بجلي، پاڻي، خوراڪ ۽ دوائن جي کوٽ اهڙي ته وڌي وئي آهي جو زندگي هر روز موت ڏانهن وڌي رهي آهي.

عالمي ادارا، جيڪي انساني حقن جون دعوائون ڪن ٿا، اڄ اهڙي خاموشي اختيار ڪري ويٺل آهن جڻ غزه جي رت ۾ سندن به ڪو حصو آهي. گڏيل قومن جون قراردادون، انساني حقن جون ڪانفرنسون ۽ امن بابت ڳالهيون رڳو ڪاغذن تائين محدود بڻيل آهن. جڏهن غزه جا ٻار مري رهيا آهن، تڏهن وڏيون طاقتون سفارتي بيانن ۽ نرم مذمتي لفظن سان پنهنجو فرض پورو سمجهن ٿيون. اهڙي حساس عالمي صورتحال ۾ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان جو آمريڪا جو دورو به سياسي منظرنامي کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ٿو. واشنگٽن جي وڏن محلاتن ۾ ٿيندڙ ملاقاتون، مسڪراهٽون ۽ معاشي معاهدا، انهيءَ سفارتي راند جو حصو آهن جتي انساني جانين کان وڌيڪ مفادن کي ترجيح ڏني وڃي ٿي. هڪ پاسي غزه ۾ رت وهي رهيو آهي، ٻئي پاسي عالمي اڳواڻ اقتدار، واپار ۽ هٿيارن جي سوديبازيءَ ۾ مصروف آهن. انڪري اهو سوال پنهنجي جاءِ تي به قائم آهي ته ڇا اهي ملاقاتون غزه جي زخمن تي مرهم رکنديون يا رڳو سفارتي منافقت کي وڌيڪ هٿي ڏينديون؟

سعودي عرب اسلامي دنيا جو اهم ملڪ هئڻ سبب هميشه فلسطين جي حمايت جو دعويدار رهيو آهي پر عملي طور ڏٺو وڃي ته عالمي دٻاءُ، معاشي مفادن ۽ سياسي اتحادين سبب اها حمايت گهڻو ڪري بيانن تائين محدود آهي. سعودي ولي عهد جو آمريڪي دورو به ان نازڪ توازن جي عڪاسي ڪري ٿو جتي هڪ پاسي مسلمانن جون اميدون آهن ته ٻي پاسي آمريڪي پاليسين سان ويجهڙائپ جو حساب ڪتاب هلي رهيو آهي. غزه جي موجوده صورتحال صرف فلسطين جو مسئلو ناهي پر پوري انسانيت جو امتحان آهي. هي رڳو هڪ علائقائي تڪرار نه پر حق ۽ باطل، مظلوم ۽ ظالم، انسانيت ۽ بربريت جي وچ ۾ کُليل جنگ آهي. غزه جي هر گهڙي اسان کي اهو ياد ڏياري ٿي ته جديد دنيا جي دعويدار تهذيب اڃا تائين طاقت جي پُوڄا ڪرڻ کان آزاد نه ٿي سگهي آهي. جڏهن ميزائيلن جي گونج ۾ ٻارن جا روئڻ دٻجي ٿو، تڏهن تاريخ جا ورق خاموش شاهد بڻجي هڪ ڏينهن ضرور فيصلي جو قلم کڻندا.

ميڊيا جو ڪردار هن الميي ۾ انتهائي اهم ۽ افسوسناڪ رهيو آهي. ڪجهه عالمي ميڊيا جا ادارا حقيقت کي لڪائڻ، لفظن کي موڙڻ ۽ جارحيت کي "دفاع" جو نالو ڏيڻ ۾ سرگرم آهن. فلسطيني ٻارڙن جا ته انهن کي "ڪوليٽرل ڊيميج" چيو وڃي ٿو پر جيڪڏهن ساڳيو عمل مغربي دنيا ۾ ٿئي ٿو ته انساني حقن جا نعرا آسمان کي ڇُهڻ لڳن ٿا، اهو ٻٽو معيار ئي اصل سفارتي منافقت جو واضح ثبوت آهي غزه جا شهري اڄ به پنهنجي وس آهر مزاحمت ڪري رهيا آهن. سندن هٿن ۾ جديد هٿيار نه ٿي سهي پر سندن دلين ۾ آزاديءَ جي باهه ۽ پنهنجي سرزمين سان اٽل وابستگي موجود آهي. اهي جاڻن ٿا ته خاموش رهڻ موت کان به وڌيڪ ذلت ڀريو آهي، تنهنڪري هو ظلم جي سامهون سر جهڪائڻ بدران استقامت جو رستو اختيار ڪن ٿا. غزه جي هر شهيد جو رت مزاحمت جي نئين لهر کي جنم ڏئي ٿو جيڪا وقت جي زنجيرين کي ٽوڙڻ لاءِ بيتاب آهي. مسلمانن لاءِ اها گهڙي انتهائي اهم آهي. جيڪڏهن اڄ به مسلم ملڪن جا حڪمران رڳو بيانن تائين محدود رهيا ته پوءِ تاريخ کين ڪڏهن به معاف نه ڪندي. اتحاد، عملي مدد، سفارتي دٻاءُ ۽ معاشي قدمن ذريعي فلسطين سان گڏ بيهڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. انساني حقن جا عالمي علمبردار، جيڪي ٻين کي ته جمهوريت، آزادي ۽ انصاف جا درس ڏين ٿا، انهن لاءِ به غزه هڪ کُليل سوال آهي. ڇا سندن اصول صرف طاقتورن لاءِ آهن يا مظلومن لاءِ به ڪو قدر رکن ٿا؟ ڇا انسانيت جا معيار صرف نسل، مذهب ۽ مفادن جي بنياد تي طئي ڪيا ويندا؟ جيڪڏهن ائين ئي رهيو ته پوءِ عالمي نظام جي اخلاقي بنيادن تي به سنجيده سوال اُٿڻ لڳندا.

غزه جي ٽُٽل گهرن ۽ روڊن، رت سان رڱيل پٽين ۽ يتيم ٻارن جي خالي نگاهن ۾ هڪ پيغام لڪل آهي: ظلم هميشه دائمي نه هوندو. تاريخ شاهد آهي ته هر فرعون جو انجام ٿيو آهي، هر ظلم جو حساب ٿيو آهي. غزه جي زمين به اهو ڏينهن ضرور ڏسندي جڏهن امن، آزادي ۽ عزت سان زندگي ٻيهر موٽي ايندي. اڄ جي دور ۾ اصل ضرورت اها آهي ته عالمي ضمير جا بند در توڙي سفارتي منافقت جا پردا هٽائي حقيقت کي تسليم ڪيو وڃي ۽ غزه جي مظلومن سان گڏ بيهڻ کي اخلاقي فرض سمجهيو وڃي. جيڪڏهن دنيا اڄ به خاموش رهي ته سڀاڻي تاريخ صرف غزه جي نه پر ان خاموش دنيا جي به فيصلي ۾ دير نه ڪندي. غزه رت جي سمنڊ ۾ ٻڏل ضرور آهي پر ان سمنڊ جي هر لهر مزاحمت، حوصلي ۽ اميد جو پيغام ڏئي رهي آهي. اهو پيغام ته ظلم جي رات ڪيتري به ڊگهي هجي پر اها ضرور کٽندي.

غلام مصطفيٰ جمالي، ڪلهوڙو موري ٻدين

نوشهرو فيروز ضلعي ۾ اُڀرندڙ قداور شخصيت!

سنڌ جو تاريخي شهر هالائي، جنهن هميشه تاريخي انسانن کي جنم ڏنو آهي. برصغير جو لڪياري سادات گهراڻو، جيڪو وڏو مقام رکي ٿو ساهتي جي معتبر ۽ عظيم شخصيت ننڍي ڪنڊ جي مفتي اعظم سيد محمد عاقل شاھ لڪياري رح جي خاندان ۾ وڏا عالم، ديني بزرگ، اولياءَ ۽ ملڪي سطح جي سياستدانن جنم ورتو آهي، جيڪي هميشه سنڌ ڌرتيءَ سان گڏ بيٺل رهيا آهن. انهيءَ خاندان ۾ سيد سيد ابرار علي شاھ جي حويليءَ ۾ سال 1999ع ۾ اهوڪي ڏينهن تي هڪڙي قداور شخصيت جنم ورتو، جنهن جو نالو سيد محمد عاقل شاھ آهي. هن جي جنم ڏئي ٿو جيڪا وقت جي زنجيرين ... هن جي جنم ڪانپوءِ ئي هالائيءَ جا ڀاڳ کُليا، وڏي وقت کان پوءِ سنڌس گهراڻو اقتدار ۾ پهتو هو. سيد ابرار علي شاھ پنهنجي موهپي پٽ تي پنهنجي پيءَ جو نالو سيد محمد عاقل شاھ پُٽ تي رکيو، جنهن نالي کي سنڌ سميت برصغير ۾ وڏي عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو آهي. انهيءَ نالي جو ڀرم سيد عاقل شاھ سٺي انداز سان نڀائي رهيو آهي. سيد محمد عاقل شاھ جو تعلق سياست سان گڏوگڏ مذهبي گهراڻي سان آهي. سيد عاقل شاھ جو والد پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ايم اين اي سيد ابرار علي شاھ آهي، جيڪو پاڪستان جي سياست ۾ وڏو نالو آهي. سيد محمد عاقل شاھ پنهنجي سياست جي شروعات پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي نوشهرو فيروز جي ضلعي نائب صدر ٿيڻ سان ڪئي، انهيءَ کان پوءِ ضلعي ۾ پارٽيءَ جي سرگرم اڳواڻ طور اڀريو ۽ مرڪزي قيادت پاران سيد محمد عاقل شاھ کي تعلقي محرابپور لاءِ صدر مقرر ڪيو ويو آهي. هو پارٽي پروگرامن ۽ سماجي ڪم ڪارن ۾ هميشه اڳڀرو نظر اچي ٿو علائقي جي ماڻهن جو سهارو بڻيل آهي. ضلعي جي سڀ کان وڏو عوامي هائوس عاقل شاھ هائوس هر وقت عوام کي ٽائيم ۽ ان سان گڏ عوام لاءِ ڪاڏي پيتي جو به انتظام ڪري ٿو اهڙيون ڪوالٽيون باصلاحيت اڳواڻن ۾ هونديون آهن. هن جي صلاحيتن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڪجهه وقت اڳ جڏهن پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نوشهرو فيروز ۾ جلسي ۾ آيل هو ان دوران هن (سيد عاقل شاھ) پارٽي چيئرمين کان گهُر ڪئي ته نوشهرو فيروز ضلعو تعليم جي حوالي سان پٺتي پيل آهي. اسان کي ميڊيڪل ڪاليج يا يونيورسٽي ڏني وڃي. جيئن هن تعليمي دور ۾ هتان جا نوجوان پنهنجي مستقبل ۽ ملڪ لاءِ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن ان وقت تي هر پارٽي اڳواڻ چيئرمين بلال ڀٽو زرداري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي تعريف ۾ مصروف هو پر هن عوام جي ترجماني ڪندي پارٽيءَ کي اهم ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪرايو هو ان وقت سيد عاقل شاھ ضلعي جي قدآور شخصيت بڻيو ۽ هڪ اهم اڳواڻ طور سامهون آيو اهڙي ئي طرح ننڍي عمر ۾ ئي وڏو حوصلو رکندڙ جبلن کان به وڏا ارادا رکندڙ سيد محمد عاقل شاھ به انهن بهادر انسانن مان آهي جن هميشه عوام لاءِ اڳيان ٿي ڪري عوامي مفاد ۽ سماج خاطر پنهنجي زندگي وقف ڪئي. انهن جي ڪردار جي ساراهه تاريخ جي انهن ورقن ۾ سمائجي وڃي ٿي، جن کي اڄ به اسان بهترين لفظن ۾ ياد ڪيون ٿا ۽ انهن کي پيٽا پڻ پيش ڪيون ٿا. 27 سالا سيد محمد عاقل شاھ پنهنجي والد ايم اين اي، پير آف هالائي سيد ابرار علي شاھ جو ڏکيءَ ويل جو اهم ساٿي پڻ آهي، جنهن سدائين پنهنجي والد جي پريشانين ۽ مصيبتن مشڪلن کي ڪلندي پري ڪيو آهي. برادر توڙي ٻاڙي وارن لاءِ مسيحائيءَ وارو ڪردار آهي. هر رشتي کان الڳ ٿي ڪري ڀهريان انسانيت کي اهميت ڏيندو آهي، اهڙا نوجوان سنڌ جي سٺي مستقبل جي زمانت آهن. جيڪي پنهنجي انا کي ختم ڪري علائقي جي ڀلائيءَ لاءِ سوچيندا آهن ۽ غريب، بيوس ۽ لاچار ماڻهن جو آواز بڻجي انهن جي ترجماني ڪندا آهن. هن نوجوان جي سياسي تربيت ۾ لاها چاڙها به تمام گهڻا آيا آهن. سندس تربيت ۾ ڪس ڪاٽڻ ۽ نياز نوڙت ۽ پنهنجائپ وارو ڪردار ادا ڪندڙ آهي. اڪثر امير فيملين جا نوجوان ملڪ کان ٻاهر پنهنجي جواني گهمڻ ڦرڻ ۾ استعمال ڪري واپس ڏيهه اچي سياست ڪندا آهن. هي سهڻو نوجوان اڪثر ماڻهن جي غمن ۾ ڏنو ويو آهي. انهن جي ڏکن ۽ سورن کي پنهنجو ڪري انهن ڏکايل ماڻهن سان سمائجي وڃي ٿو اميد آهي ته هي نوجوان اڳتي هلي ملڪ جي ترقيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندو. اڄ سيد محمد عاقل شاھ جو جنم ڏينهن آهي. الله سائينءَ کان دعا آهي ته سيد محمد عاقل شاھ جهڙا ڪردار هميشه آباد هجن ۽ سدائين مرڪندا رهن.

سيد جاڳي شاھ نوشهرو فيروز

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشاد علي سمون)
گارڊين ايپليڪيشن نمبر25 سال 2025

ابراهيم ولد ڦوٽو خان ذات ٽنگڙي رهاڻو ڳوٺ لونگ خان چانڊيو پي او نئون ڪوٽ تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات حاجاڻي زال ابراهيم ذات ٽنگڙي رهاڻو ڳوٺ لونگ خان چانڊيو پي او نئون ڪوٽ تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص(2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس (1) حبيب الله ولد ابراهيم عمر 9 سال ... مائنر

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7 10 ۽ 29 گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج -II قاضي احمد
گارڊين ايپليڪيشن نمبر57 سال 2025

راجا ڪوري ولد وزير ڪوري رهاڻو عبدالنبي راهو ڪالوني قاضي احمد....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) ثنا عرف شريمتي شانتي ڌيء ريشمان رهاڻو بکر راهو قاضي احمد.. اپوننٽس

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغير نالي زويا جي ڪسٽڊي لاء، تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 25-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج -II قاضي احمد

[redacted]

ڳالهائيندي اڳوڻي سيڪريٽري تعليم ۽ نامور ليکڪ اڪبر لغاري چيو ته ڪليم ٻٽ جو ناول ٻنهي جي ميلاپ آهي جنهن سان ڪليم سٺو نڀايو آهي. هن چيو ته ناول کي سٺو سيڪڙو تاريخ نه سمجهجي ڪليم ٻٽ تاريخ کي فڪشن ۾ تبديل ڪيو آهي. هن ناول ۾ ڪٿي به ٽڪڙ ناهي ڪٿي رڳي ۽ ٽيڪنڪ سان لکيو ويو آهي. ناول ۾ اندرا جنهن کي اندو سڏيو ويو آهي اها حشو ڪيولراماڻي پنهنجي سچائي سنڌ سان ڪرائيندو هو حشو تاريخ جي جبر کي مڃڻ لاء تيار نه هو ۽ ان لاء ڪرب ۾ مبتلا ٿي ويو دوستن مٿان

ANNULMENT OF
PUBLIC AUCTION NOTICE

This is with reference of OGDC advertisement regarding PUBLIC AUCTION NOTICE published in newspapers on 26-10-2025 and CORRIGENDUM (PUBLIC AUCTION NOTICE) of the same advertisement published in newspapers on 28-10-2025.

In the said advertisements, the auction at Dakhni Gas Plant, Tehsil Jand, Fateh Jang, Punjab for Misc Scrap, Electrical Items, Tyres, Batteries etc. scheduled to be held on 25-11-2025 has been cancelled. The auctions at other locations will be held as per schedule and terms and conditions published in the CORRIGENDUM (PUBLIC AUCTION NOTICE) on 28-10-2025.

General Manager
(Materials Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarter, Plot No. 03, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com

OGDC the energy

حيدرآباد: خانم بدوش رائٽرز ڪيفي تي ناماري ليکڪ ڪليم ٻٽ جي لکيل ناول تي ادبي ويهڪ

ڪليم ٻٽ حصو ڪيولراماڻي تي لکيل ناول فڪشن ۾ تبديل ڪيو آهي، هن ناول ۾ ڪٿي به ٽڪر ناهي ڪٽي ويئي: اڪبر لغاري

سوانحي ناول لکڻ سٺي ڳالهه، سان گڏ ڏاڍي ڏکيو آهي، ڪنهن به شخص کي لفظن ۾ قيد ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي: مدد علي سنڌي

حشو واري ناول ۾ ڪوڙ ساريون ڪهاڻيون آهن (اختر حفيظ) مون ناول ۾ صفتون گهٽ رکيون آهن: ڪليم ٻٽ

ناول ۾ حشو جي ڪهاڻي انهن ڌرتي ڌڻين جي ڪهاڻي آهي جيڪي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تان ٻي دخل ٿي ويا: امر سنڌو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) خانم بدوش رائٽرز ڪيفي تي ناماري ليکڪ ڪليم ٻٽ جي حشو ڪيولراماڻي تي لکيل ناول ”سنڌ ڌاڻهن ويندڙ ريل“ تي ادبي ويهڪ ٿي، ادبي ويهڪ ۾ ناول تي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: خانم بدوش ڪيفي ۾ ڪتاب تي ٿيل اپياسي ويهڪ ۾ امر سنڌو مدد علي سنڌي ۽ اڪبر لغاري شريڪ آهن

خيرپور ۾ فنڪارن جو ٿنا سنڌو ڪان ڦرواقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ٿنا سنڌو استاد عبدالغفور سومرو رخسانا سورٺ شبانا ناز ۽ ٻين احتجاج ڪيو

فنڪاره کان ڦريل رقم واپس ڪرايا وڃن ٻي صورت ۾ پوري سنڌ احتجاج ڪيا ويندا

خيرپور (د ر) خيرپور جي وڏا مهيسر ڦاٽڪ جي حد ڳوٺ ريلاڻي ميٽلو ۾ محفل کان واپس موٽندڙ فنڪاره ٿنا سنڌو ۽ سندس سازندن کان ڦر ٿيڻ واري واقعي کي هڪ هفتو گذرڻ باوجود پوليس ڪو به ٺوس نه ٻاريو آ. سنڌ سنگيتڪار ايسوسيئيشن پاران واقعي خلاف پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاج
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

مورو (ن ع) موروشهر جي درس روڊ تي تيز رفتار موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر هڪ ڄڻو جنسار علي ڪوسو زخمي ٿي پيو جنهن کي مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽر پاران طبي امداد ڏني وئي ان موقعي تي ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوکر پڻ پهتو جنهن تفصيل ورتا....

پنوعاقل پرسان عورت پاران مبينا زهر پي آپگهات، وارثن پاران قتل جو الزام

ٻاتي چوڪ جي رهواسڻ ناري چانڊي ماڙوائي گهر اندر زهر پي آپگهات ڪيو

ڏيءُ کي مڙس منور ماڙوائي ۽ ساهرن زهر ڏئي ماريو آهي، انصاف ڪيو وڃي: پيءُ

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل پرسان شادي شده عورت زهر پي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو ٻاتي چوڪ جي رهواسڻ ناري چانڊي ماڙوائي مبينا طور گهر اندر زهر پي ڇڏيو جنهن سبب سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٿي پئي وارث ڪيس ڀهريائين مقامي اسپتال ۽ بعد ۾ سکر ريفر ڪري ويا، پر هوءَ رستي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ ئي ڏينهن ڌاڙي جون ٻه وارداتون

خيرپور (د ر) خيرپور سان بدامني چوٽ چڙهيل هڪ ڏينهن اندر ٻن گهرن سان ٻه وارداتون ٻي ٿاڻي جي حد پٽي محلي مان نامعلوم شهري عبدالعزيز ڪڙيو جي گهر ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي سندس گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي گهر مان 3 تولا سونا زيور موبائل فون ڏيڍ لک رپيا روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا ان سلسلي ۾ عبدالعزيز ڪڙيو ٻڌايو ته نامعلوم ڌاڙيل سندس غير موجودگي ۾ گهر ۾ داخل ٿي هٿيارن جي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ٽينگر جي اغوا خلاف وارثن جو احتجاج، باٿر تي پينگ جو الزام

ڳوٺ ملو مري واسين فضل الرحمان مڱڻيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٽينگر ابوبڪر کي اغوا ڪري 3 لک پينگ طلب ڪيو ويو آهي، انصاف ڪيو وڃي

خيرپور (د ر) خيرپور لڳ ڳوٺ ملو مري جو مبينا اغوا ٿيل ٽينگر جي وارثن پاران ٽينگر جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ جي اڳواڻي فضل الرحمان مڱڻيجو غلام حسين مڱڻيجو شبيران مڱڻيجو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته معصوم
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر لڳ گڏاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي زميني تڪرار تان جهيڙو، هڪ ڄڻو مارجي ويو

مڪان اسٽاپ وٽ هٿيارٻندن جي فائرنگ سبب 20 ورهين جو ڪميل رضا گڏاڻي پٽ غمتال گڏاڻي زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو پئي ويو ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم بعد حوالي ڪيو ويو، وارثن پاران جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

خانپورمهر (ن. ع) خانپورمهر ويجهو پراڻي تڪرار تان هٿيارٻندن هٿان نوجوان قتل لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيس خبر موجب ،خانپورمهر ويجهو مڪان اسٽاپ وٽ ويٺل گڏاڻي برادري جي ٻن
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

مورو: فوت ٿيل ٽينگر جو لاش پيل آهي

مورو لڳ پورهيت لوڊر رڪشه ۾ لوئي ڦاسڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ امداد لاشاري واسي 18 ورهين جو وحيد ولد محمد نواز لاشاري فوت ٿي ويو

مورو (ن ع) منهڙو پرسان ڳوٺ صوبيدار خان جمالي سامهون مين روڊ تي ڳوٺ امداد لاشاري واسي 18 سالا نوجوان وحيد علي ولد محمد نواز لاشاري پنهنجي لوڊر رڪشه جي شافت ۾ لوئي وچڙي وڃڻ سبب فوت ٿي ويو جنهن جو لاش مقامي اسپتال ۾ آڻڻ بعد قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سکر: اسسٽنٽ ڪمشنر وسيم مهر حادثي جي شڪار ٿيل ايمبولينس جو معائنو ڪري رهيو آهي ٻي طرف زخمي کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

سکر ۾ سرڪاري ايمبولنس ڪلٽي ٿيڻ سبب ڊرائيور ۽ ڊسپينسر زخمي

سکر (بيورو رپورٽ) اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر وسيم مهر جي بروقت ڪارروائي اڄ جي ڏينهن هڪ افسوسناڪ حادثي کي وڏي سانحي ۾ تبديل ٿيڻ کان بچائي ورتو آرائين ڦاٽڪ تي اوور هيڊ پل معاڙ سرڪاري ايمبولنس ڪلٽي ٿي وئي جنهن
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

چام نواز علي ڪيڊٽ ڪاليج ۾ 7 هون آل پاڪستان ذوالساني تقريري مقابلو

تقريب ۾ ميرپورخاص، سانگهڙ ۽ نوابشاهه سميت 9 اسڪولن جي شاگردن ۾ مقابلو ٿيو

سيد ناصر حسين شاهه، قرة العين مري ۽ چام شبير خان ڪامياب شاگردن ۾ انعام تقسيم ڪيا

چام نواز علي (ن ع) 7 هون آل پاڪستان ذوالساني تقريري مقابلو ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ منعقد ٿيو هن تقريب ۾ قومي صلاحيتن سان گڏ مقامي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف سيشن منعقد ڪيا ويا. انهن ۾ اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽي مقابلي شامل هئا مقامي صلاحيتن کي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ مهر ۽ جتوئي تڪرار ۾ زخمي ڳوٺاڻو اسپتال ۾ فوت

سکر (بيورو رپورٽ) ڪجهه ڏينهن اڳ پنوعاقل لڳ ڪچي واري علائقي ۾ مهر ۽ جتوئي ڌرين جي وچ ۾ فائرنگ واقعي دوران زخمي ٿيل جنگا پاڙي جي ڄڪي مڙس گلن جنگي مهر جو پاءُ غلام ياسين مهر اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

باڊهه ۾ شيخ برادري جو گهر مان چور خلاف احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين مرتضيٰ گوپانگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي کي ٻاهيون ڏئي احتجاج ڪيو

غلام حسين گوپانگ جي گهر مان ڌاڙي جي جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

باڊهه (ن ع) شيخ محلي جي رهواسي فوجي غلام حسين گوپانگ جي گهر ۾ ڌاڙي خلاف متاثر خاندان پاران ٿاڻي آڳيان ڌرڻو ڏئي ٻاهه ڏئي ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب باڊهه کان لاڙڪاڻو نصيرآباد ۽ ڪراچي سميت مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي ڌرڻي ۾ سياسي سماجي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ عورت جو ٻاٿرن جي زيادتين خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

ڳوٺ پليو خان گوپانگ واسي مسمات جمال خاتون پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڌيءُ خديجه خاتون کي ٻاٿر هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پليو خان گوپانگ ۾ ٻين ٻارن جي ماءُ کي ٻاٿر هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي مبينا طور اغوا ڪري ويا، لاڙڪاڻو ويجهو ڳوٺ پليو خان گوپانگ جي رهواسڻ مسمات جمال خاتون گوپانگ ٻاٿرن جي مبينا زيادتين خلاف قرآن پاڪ کڻي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٺٽو ۾ پيپلزپارٽي شهيد ٻنو يوٿ ونگ جي نئين ضلعي باڊي چونڊي وئي، زوهيب بلوچ صدر منتخب

ٺٽو (د ر) پيپلزپارٽي شهيد ٻنو يوٿ ونگ ٺٽي جي باڊي جو اعلان ڪيو ويو ضلعي صدر زوهيب بلوچ ۽ جنرل سيڪريٽري وحيد سنڌي سميت ٻيا عهديدار چونڊيا ويا. ان سلسلي ۾ پيپلزپارٽي شهيد ٻنو يوٿ حيدرآباد ڊويزن جي صدر عديل لغاري
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هالي روڊ امريڪن ڪوارٽر جي علائقي ۾ روڊ تي گٽر جو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

حيدرآباد: غلام مصطفيٰ عرف شينهن خاصخيلي جي پيءُ لاڏاڻو ڪري ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) غلام مصطفيٰ عرف شينهن خاصخيلي جي پيءُ سڪرنڊ ۾ دل جي دوري سبب اڄ لاڏاڻو ڪري وئي، مرحوم جي جنازي نماز ۾ مٽن مائٽن سميت شهرين شرڪت ڪئي مرحوم جي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ٽنڊو ٻولا خان شهر ۾ اگهن جي پڙتال

ٽنڊوبولاخان (ن-ع) ٽنڊو بولاخان جي شهرين پاران شڪايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوبولاخان محمد آصف سومرو شهر جو دورو ڪري روزمرا جي ڪاڌي پيتي جي استعمال ٿيندڙ شين جي اگهن جو جائزو ورتو اسسٽنٽ ڪمشنر شهر ۾ مرغي مڇي، گوشت سبزي ۽ ريزڪي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ڪچي ۾ اڄ چوٿين ڏينهن به ڌاڙيلن خلاف آپريشن، 3 شڪي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور (د ر) خيرپور پوليس پاران ڪچي جي مختلف علائقن ۾ اڄ چوٿين ڏينهن به ٽارگيٽڊ آپريشن جاري آهي آپريشن دوران پوليس شڪ جي بنياد تي وڌيڪ 7 ماڻهن
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ پيرسن جوڙي جو ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل جي باٻيجي ٿاڻي جي حد مڻين جي ڪوٽ ۾ پيرسن غلام نبي سميجو ۽ سندس گهرواري مسمات شهناز ميڊيا آڏو داتهيندي الزام هنيو آهي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ نوجوان چوڪرين جو ٽولو سرگرم، شهري جي گهران 3 موبائيل ۽ سامان ٻهاري ويون

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ نوجوان چوڪرين جو هڪ ڏوهاري ٽولو سرگرم آهي اهو ٽولو گهرن ۾ داخل ٿي چوريون ڪري ٿو. سکر جي ڳتيل آبادي واري
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ مزدور اڳواڻ حاجي حبيب الله سولنگي جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

مورو (ن ع) الشهباز فيڊريشن جي مرڪزي عهديدار ۽ ايريگيشن ورڪر يونين روهڙي ڊويزن مورو جي جنرل سيڪريٽري حاجي حبيب الله سولنگي، استاد عنايت الله سولنگي ۽ عزيز الله سولنگي جي جيجل امڙ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور واسي جي گهر مان چوري جو 5 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

خيرپور (د ر) خيرپور جي ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڊفينس ڪالوني ۾ پاڪ ترڪ اسڪول جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مهمت ايمن اتالن جي گهر مان نامعلوم جوابدارن پاران چوري ڪرڻ واري واقعي جو ڪيس داخل. ڪيس ۾ فريادي ۽ ڊفينس ڪالوني
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سکر ويجهو نامعلوم لاش هٿ، پوليس ڪٿائي ضروري ڪارروائي بعد ايڌي رضاڪارن حوالي ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) نيو پنڊ ٿاڻي جي حد مان هڪ نامعلوم شخص جو لاش ملڻ بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس جي لهر ڇانئجي وئي. اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي معائنو ڪيو ضروري شاهديون گڏ ڪرڻ بعد لاش کي پهنچي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سکر: نيو پنڊي جي ٿاڻي جي حد ۾ مليل اڻ سڃاتل شخص جو لاش

محرابپور جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ جشن عيد ميلادالنبي ﷺ عقيدت ۽ جوش جذبي سان ملهايو ويو

محرابپور (ن-ر) محرابپور ۾ تاليوري تعليمي اداري ڪي جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ جشن عيد ميلادالنبي ﷺ نهايت عقيدت ۽ جوش جذبي سان ملهايو ويو جنهن ۾ استادن شاگردن ۽ والدين وڏي انگ شريڪ ٿيا ان دوران استادن شاگردن
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: حيدري جي مارڪيٽ ۾ مهانگا مڇيون وڪري لاءِ رکي ويٺل آهن

ڪوهه مري: نٿيا گلي جي پهاڙن جو سرءُ جي صبح ۾ ڪوهيڙي ۾ گهيريل هڪ منظر

ٽنڊو محمد خان ۾ گم ٿيل ٽينگر جي وارثن جو احتجاجي مظاهرو

3 ڏينهن اڳ انيس آرائين گهر اڳيان راند ڪندي گم ٿي ويو هو: وارث

ٽينگر جو ڪو به ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو، لڳي ٿو ڪنهن اغوا ڪيو آهي

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان جي احمد شير ڪالوني مان 3 ڏينهن اڳ گم ٿي سٽين ڪلاس جي شاگرد 13 سالا انيس آرائين جي وارثن اغوا جو شڪ ظاهر ڪري ڇڏيو، وارثن جو احتجاج، خبر موجب ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احمد شير ڪالوني جي رهواسين سٽين ڪلاس جي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ساماروُ ۾ عرفان ڪالرو جي وارثن جو عمرڪوٽ پوليس خلاف احتجاج

پوليس عرفان ڪالرو کي 3 ڏينهن اڳ گرفتار ڪري تشدد جو نشانو بڻايو: مظاهرين

ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ته مٿن تي منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

سامارو (ن ع) سامارو واسي عرفان ڪالرو کي ٽي ڏينهن اڳ عمرڪوٽ پوليس پاران گرفتار ڪيو ويو ۽ وارثن موجب ڪيس بنا ڪنهن جواز جي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو الزام آهي ته عرفان کي ٻه ڏينهن ٽائين ايس ايڇ او جي بنگلي ۾ بند ڪري مار پيٽ ڪئي وئي، ۽ بجلي جا ڪرنٽ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو ترقياتي اسڪيم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

پ پ حڪومت هر وقت عوامي سهولتن کي اوليت ڏئي ٿي: صلاح الدين جوڻيجو

حڪومت جو مرڪزي ڌيان عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي

عوام سان ڪيل واعدن تي عملدرآمد لاءِ پرعزم آهيان: منصوبن جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ٽنڊوآدم (ن ع) پ پ پ ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو پاران ٽنڊوآدم جي مختلف ڳوٺن ۾ روڊ منصوبن جو افتتاح، قرار رپورٽ موجب پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو چيو آهي ته پيپلزپارٽي جي حڪومت هر وقت عوامي بنيادي سهولتن جي فراهمي اولين ترجيح
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سيلاب متاثرن لاءِ تعمير ٿيندڙ لکين گهرن جو ڪم تيزي سان جاري آهي: رفيق جمالي

پ پ پنهنجي بنيادي نعري روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان تي مڪمل طور عمل ڪري رهي آهي

هارين ۽ آبادگارن لاءِ ٻج ۽ ڀاڻ جي رقم انهن جي بئنڪ اڪائونٽن ۾ منتقل ڪئي پئي وڃي

دادو (د ر) پ پ سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر سردار رفيق احمد جمالي چيو آهي ته پيپلز پارٽي پنهنجي بنيادي نعري روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان تي مڪمل طور عمل ڪري رهي آهي ۽ سيلاب متاثرن لاءِ تعمير ٿيندڙ لکين گهرن جو ڪم تيزي سان جاري آهي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سنڌ زرعي يونيورسٽي انٽري ٽيسٽ، 5 هزار کان وڌيڪ اميدوارن جي شرڪت

حيدرآباد، سکر، عمرڪوٽ ۽ ڪوئيٽا ۾ سينٽر قائم، 4,247 اميدوار حيدرآباد ۾ شامل

يونيورسٽي زرعي سائنس مارڪيٽ جي ضرورتن مطابق انٽيگريٽڊ ڊگري پروگرامز متعارف ڪرائي رهي آهي: الطاف سيال

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ انڊرگريجوئيٽ ڊگري پروگرامز ۾ داخلائن لاءِ انٽري ٽيسٽ منعقد ڪئي وئي ٽيسٽ ۾ 905 شاگردياڻين سميت ڪل 5,707 اميدوار شريڪ ٿيا حيدرآباد، سکر، عمرڪوٽ ۽ ڪوئيٽا ۾ ڪار دار سينٽر قائم ڪيا ويا، وائيس چانسلر
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

بدين گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول جي مسئلن جي حل لاءِ ايم ڊي ايف جو دورو

وزٽ جو مقصد پڙهڻي پيل اسڪولن جي بنيادي مسئلن تي سجاڳي آڻڻ آهي: ايم ڊي ايف آفيسر

اسڪول ۾ 140 شاگردن لاءِ صرف هڪ استاد مقرر، استادن جي کوٽ، واش روم ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي ضرورت آهي

شادي لارج (ن ع) بدين تعلقي جي يوسي ملي جي گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول محبت خان قبائلي ۾ ايم ڊي ايف ۽ ايم ڊي سي جي ضلعي آفيسرن پاران اسڪول جو دورو تعليمي حوالي سان اهم گڏجاڻي اسڪول جي درپيش مسئلن کي تعليم کاتي جي اختيارين ٿائين پهچائي حل
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٽنڊو عالم مري جا رهواسي ٽينگري سان زيادتي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نوابشاهه ۾ جديد اي آءِ تي ٻڌل فيڪلٽي ڊولپمينٽ پروگرام جو افتتاح

پروگرام شاگردن ۽ استاد ٻنهي لاءِ هڪ نئون افق کوليندو: غلام فاروق

ٽيڪنالاجي سان تعليمي معيار بهتر ٿيندو، ۽ شاگردن ۾ تخليقيت ۽ تجزيي جي صلاحيتن پڻ وڌنديون

نوابشاهه (س ر) نوابشاهه: بين الاقوامي اعزاز يافته ۽ AI ۾ ماهر غلام فاروق، QUEST نوابشاهه ۾ جديد AI تي ٻڌل فيڪلٽي ڊولپمينٽ پروگرام جو افتتاح ڪيو پروگرام جو مقصد يونيورسٽي جي استاد کي جديد ٽيڪنالاجيز سان هم آهنگ ڪرڻ، تدريس ۽ ريسرچ جي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ ۽
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ سال 2021ع دوران ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف مظاهرو

اميدوارن عمران علي مغيري، فريد عباسي، جميل پلي شرجيل سرهيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

صوبائي سطح تي آفر آرڊر جاري ڪري ويٽنگ اميدوارن کي روزگار سان لڳائي انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سال 2021ع دوران آءِ بي اي ڊريعي پي ايس ٽي ۽ جي آءِ ايس ٽي جي نوڪرين لاءِ ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن طرفان آفر آرڊر نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ڳوٺاڻن جو پوليس ۽ ٻاٿرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ شهباز خان عمراڻي واسي بلاول، آصف عمراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٻاٿرن زمين تي قبضو ڪيو آهي، پوليس پڻ حراسمنٽ ڪري ڌمڪيون ڏئي رهي آهي: مظاهرين

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي تعلقي ٿاڻي جي پوليس ۽ ٻاٿرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي پڻ ڪئي. لاڙڪاڻو ويجهو ڳوٺ شهباز خان عمراڻي جي رهواسي بلاول عمراڻي، آصف عمراڻي ٻاٿرن ماٿن ۽ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ چنگچي ٿلي تي فوم جا گدا نيا پيا وڃن

لاڙڪاڻي قائد عوام پريس ڪلب لاڙڪاڻو جو اهم اجلاس، مختلف معاملن تي زيرغور ڪيو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي قائد عوام پريس ڪلب لاڙڪاڻو جو اهم اجلاس پريس ڪلب جي صدر عبدالوحيد ابڙو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو. اجلاس ۾ عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ مختلف معاملن تي زير غور ڪيو ويو، اجلاس ۾ نائب صدر مختيار لاشاري، جنرل سيڪريٽري مجاهد
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي واسي شاگرد جو چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي عباس ڪالوني جي رهواسي شاگرد طرفان مبينا طور چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ انٽر جي شاگرد محمد صديق ميمڻ ميڊيا آڏو داتهيندي چيو ته گذريل ڏينهن شام جي وقت منهنجي گهر اڳيان بيٺل
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

رائيس ڪئنال مان مٽي ڪٽيندڙ ڊرائيور ٽريڪٽر سوڌو سوگهو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان رشيد وگڻ ٿاڻي جي حد ۾ رائيس ڪئنال مان مٽي ۽ واري ڪڍڻ تي قلم 144 لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ايگزيڪيوٽو انجنيئر محمد سليم ڪاتوري جي اڳواڻيءَ ۾ آبپاشي عملي رائيس ڪئنال مان واري ڪڍڻ دوران ٽريڪٽر ۽ ڊرائيور کي سوگهو ڪري اهڙو اطلاع حد
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

اسان پنهنجي دور ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي: نفيسه شاهه

نئين صوبي جي ڳالهه ايم ڪيو ايم جي بليڪ ميلنگ کان سواءِ ڪجهه به ناهي

آزاد ڪشمير هجي يا قبائلي علائقا، پيپلز پارٽي هر ڪنهن کي هڪ نظر سان ڏسي ٿي

سوڀوديرو (رپورٽ فقير محمد عباسي) قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر سيده نفيسه شاهه جيلاني چيو ته سنڌ ۾ نئين صوبي جي ڳالهه ڪرڻ ايم ڪيو ايم جي بليڪ ميلنگ کان سواءِ ڪجهه به ناهي ها، اهي جيڪي مقامي حڪومتي چونڊن جي ڳالهه ڪن ٿا، شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو به
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ لڳ ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

بي سيڪشن ٿاڻي جي ح ڏل روڊ اوڳاهي لاڙي وٽ تيز ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ سڄل ٻهلڪاڻي موقعي تي فوت ٿي ويو، جڏهن هڪ ڄڻو زخمي ٿيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، ٽرالر ڊرائيور کي علائقي واسين پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ڪنڊڪوٽ (د ر) ڪنڊڪوٽ لڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڪنڊڪوٽ ڏل روڊ اوڳاهي لاڙي وٽ تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل ۾ زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار هڪ ڄڻو
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: پير شاهه مردان شاهه ثاني جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

سڪرنڊ ۾ ثقافتي سڏ حوالي سان سنڌو درياهه جي ڪناري تقريب منعقد

فقير منٺار ٻگهيئي پاران صوفياڻي راڳ، سگهڙ ڪچهري ۽ ملهه ملاکڙو ڪرايو ويو

هر سال ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ سان قوم ۾ سجاڳي ۽ ڌرتيءَ جو قدر محسوس ٿئي ٿو: مقرر

سڪرنڊ (ن ع) سٽ 7 ڊسمبر سنڌي ميڊيا جي ثقافتي سڏ کي پيرور ملهائڻ ۽ ان جي تيارين جي سلسلي ۾ اڳواٽ اڄيان
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان سماجي تنظيم پاران درياهه ڪي پيتا ڏني پئي وڃي

شهدادپور ۾ پيرسائين پاڳارا ثاني شاهه مردان شاهه ڇٽ ڌڻي جي 97 هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

هدادپور (ن ع) شهدادپور ۾ حر ڪچهري رابطه ڪائونسل پاران لغاري هائوس تي پيرسائين پاڳارا ثاني شاهه مردان شاهه ڇٽ ڌڻي جي 97 هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ دعا گهري وئي، ان موقعي حرڪچهري رابطا ڪائونسل
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ ڪورائي برادري ۾ جهيڙي تان گهر کي باهه، متاثر جو احتجاج

ڳوٺ در محمد ڪورائي واسي غلام محمد ڪورائي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

مخالف اسلم ڪورائي ۽ سندس سائين گهر کي باهه لڳائي آهي، انصاف ڪيو وڃي

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل — در محمد ڪورائي ڳوٺ ۾ گهر کي باهه، ڪورائي برادري ۾ تڪرار شدت اختيار ڪري ويو پنوعاقل جي ڳوٺ در محمد ڪورائي جي رهواسي غلام محمد ڪورائي داتهيندي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

صوبن جي ورهاست وارو عمل مذاق ناهي، پيپلز پارٽي ڪڏهن به اهڙو ڪم نه ڪندي: اعجاز جکراڻي

بلوچستان جي وڏي وزير کي هٽائڻ وارو ٺاهيو نه پر وڏو فيصلو هوندو جيڪو مشڪل آهي ۽ اهڙي قسم جا فيصلا ليڊرشپ ڪندي آهي

26 هين ۽ 27 هين آئيني ترميم مان سنڌ کي ڪهڙو نقصان پهتو آهي، عدالتون ۽ پارليامينٽ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪن

جيڪب آباد ۾ ڊرينيج جو مسئلو هو جنهن ڪري ڊرينيج جون اسڪيمون شروع ڪيون ڪافي اسڪيمن کي مڪمل ڪيو آهي

جيڪب آباد (د ر) پي پي پي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي چيو آهي ته صوبن جي ورهاست وارو عمل مذاق ناهي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ايم اين اي اعجاز جکراڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

گهوٽڪي لڳ نئون روڊ هلڪي ٽريفڪ گذرڻ شرط هڻڻ خلاف ٻين احتجاج

رهواسين علي شير پارو، اڪبر مهر عبدالحڪيم شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٺيڪيدار ۽ آفيسرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري روڊ جو ڪم معيار مطابق ڪرايو وڃي

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي ويجهو ڳوٺ ڪرم خان ڏاريجو ۾ نئون ٺهيل روڊ هڪ ڏينهن به نه ٽڪي سگهيو ڳوٺاڻن جو احتجاج خبر موجب گهوٽڪي ويجهو ڳوٺ ڪرم خان ڏاريجو ۾ سرڪار پاران تيار ڪيل نئون روڊ هلڪي ٽريفڪ گذرڻ شرط هڻندان هڻندان ٿئي پيو جنهن تي ڳوٺاڻن
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

سکر لڳ بلوچ برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا زخمي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر لڳ الف ڪچي ۾ بروهي جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙي سبب راحب شهزاد بلوچ اڪبر بلوچ واحد بلوچ ۽ توقير بلوچ زخمي ٿي پيا - زخمين
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ هٿيارٻندن جي دڪان تي چڙهائي، لکين رپين جي ڦرلٽ

مصطفيٰ چوڪ تي ڪنفيڪشنري جي دڪاندار وليد ڪوڪر کي هٿيارٻندن يرغمال بڻايو

هٿيارٻند يرغمال بڻائي 2 لک روڪ ڦري فرار ٿي ويا آهن انصاف ڪيو وڃي: متاثر

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل شهر جي مصطفيٰ چوڪ وٽ اڻ سڃاتل هٿيارٻندن هڪ ڪنفيڪشنري جي دڪاندار وليد ڪوڪر کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ٻه لک روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. دڪان جو چوڻ آهي ته ٻه هٿيارٻند سندس دڪان ۾ داخل ٿيا جيڪي نقاب پوش هئا
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ناريو ڪراچي ايڪسپو ۾ مختلف اسٽالن جو معائنو ڪري رهيون آهن

پاڪستان پاران ڪانفرنس آف دي پارٽيز ۾ فوري گرانٽ تي ٻڌل موسمياتي مالي معاونت جو مطالبو

عالمي برادري اسرندڙ ملڪن لاءِ تيز رفتار گرانٽ تي ٻڌل ۽ اڳواٽ مالي مدد کي يقيني بڻائي

برازيل جي شهر بيليم ۾ ٿيل عالمي موسمياتي اجلاس جي موقعي تي پاڪستان پويلين ۾ اجلاس منعقد ٿيو

پاڪستان قومي سطح تي موسمياتي مزاحمت وڌائڻ لاءِ ڀرپور سڃاڻپ ڪري رهيو آهي: سيڪريٽري عائشه حميره

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان عالمي برادري تي زور ڀريو ته هو موسمياتي لحاظ کان ڪمزور اسرندڙ ملڪن لاءِ تيز رفتار گرانٽ تي ٻڌل ۽ اڳواٽ مالي مدد کي يقيني بڻائي، شديد موسمي واقعن جي بار بار پيش اچڻ سان اهي ملڪ سپ کان وڌيڪ قرضن جي دٻاءُ ۽ ترقي جي رفتار گهٽجڻ جو شڪار ٿي رهيا آهن جن جو
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

موروتعلقي ۾ مختلف بيمارين سبب هڪ ڏينهن ۾ پنج ڄڻا فوت

نوجوان عبدالغفور سولنگي، معشوق ڪلهوڙو ۽ اچر نول فوت ٿي ويا

حبيب سولنگي جي والده ۽ محمد علي ڪورائي جي والد به فوت ٿي ويون

مورو (ن ع) موروتعلقي ۾ مختلف بيمارين ۾ هڪ ڏينهن اندر پنج ڄڻا فوت ٿي ويا جنهن ۾ 2 عورتون ۽ 3 مرد شامل آهن جنهن ۾ نوجوان عبدالغفور سولنگي نوجوان معشوق علي ڪلهوڙو پيرسن حاجي اچر نول جڏهن ته حبيب سولنگي جي والده ۽ محمد علي ڪورائي جي والد به فوت ٿي ويا
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: آرٽيفيشل انٽيليجينس جو ماهر غلام فاروق تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

بيدل مسرور سنڌ جو هڪ اهم ادبي، سماجي ۽ ثقافتي اثاثو آهي: مخدوم سعيد الزمان

مسرور جي گهران چوري ٿيل سامان جلد کان جلد واپسي ڏياريو وڃي

واقعو رڳو هڪ فرد سان نه پر پوري ادبي برادري سان ناانصافي آهي

ڄامشورو (پ ر) سروري تنظيم جي باني چيئرمين، سروري سرهاڻ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ناماري ليکڪ ۽ راڳي بيدل مسرور جي گهر ۾ ٿيل چوري تي گهري ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي. مخدوم سعيد الزمان
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

مسلم ليگ (ن) هڪ عوامي پارٽي آهي ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ سرگرم عمل آهي: شاهه محمد شاهه

سکر (بيورو رپورٽ) جڏهن پاڪستان مسلم ليگ (ن) سينٽرل سينئر نائب صدر شاهه محمد شاهه سکر جو دورو ڪيو ته هو پاڪستان مسلم ليگ (ن) سکر سٽي جي صدر نعيم بدر رفيق قريشي جي رهائشگاهه تي پهتو ۽ نعيم بدر رفيق
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سينيئر نيوز ڪيمرامين شڪيل پٺاڻ ۽ جميل پٺاڻ جي والده جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

سڄاول ۾ پيپلز پارٽي جو 58 هون يوم تاسيس 30 نومبر تي ملهايو ويندو

محمد علي خان ملڪاڻي جي صدارت ۾ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس ٿي گذريو

يوم تاسيس تقريب ۾ پارٽي عهديدار، ورڪر ۽ عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪندا: محمد علي ملڪاڻي

سڄاول (د ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع سڄاول جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس پيپلز پارٽي ضلع صدر صوبائي وزير فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي جن جي صدارت ۾ پارٽي ڪيمپ آفيس سڄاول تي ٿيو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته 30 نومبر تي پارٽي جو 58 هون
بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

ٽري ميرواهه جي تعليمي ماهر استاد مشتاق علي ڪبر کي ريٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي

ٽري ميرواهه (ن ع) ٽري ميرواهه جي معزز ۽ تعليمي شعبي جي نامور شخصيت، اڳوڻو صدر پ ٽ الف ميرواهه استاد مشتاق علي ڪبر جي ريٽائرمينٽ جي موقعي تي شاندار الوداعي تقريب پرائمري اسڪول رنواز ڪبر ۾ منعقد ڪئي وئي، تقريب ۾
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ چار ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ زخمي نوجوان اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ويجهو شاهپور چاڪر روڊ ڳوٺ بالو فقير پنهيور وٽ نامعلوم گاڏي ٽڪر هڻي ٻن موٽر سائيڪل سوارن کي زخمي ڪري ڇڏيو هو جن مان هڪ زخمي مقصودو رند جو رهواسي فوجي اشرف رند زخمن جي سٽ برداشت نه ڪندي حيدرآباد جي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو آهي واضح
بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: پ پ پ تعلقي ٽنڊو آدم جو اجلاس، سانگهڙ ۾ ٿيندڙ 58 هين يوم تاسيس ۾ ڀرپور شرڪت جو اعلان

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم پ پ پ تعلقي ۽ سٽي ٽنڊو آدم جو اجلاس تعلقي صدر جاويد شورو جي سربراهي ۾ ڳوٺ پيرو فقير شورو ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سيد خير شاهه جيلاني . وقار قادر جوڻيجو . چوڙري اشرف آرائين . عمير قادر جوڻيجو
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

مانجهند پرسان ڪوئلا ڪمپني جي ڪاڻ ۾ ڀڪ ڪرڻ سبب پورهيت فوت

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان سير ڪوئلا ڪمپني جي ڪاڻ ۾ ڀڪ ڪرڻ جي
بقايا نمبر 53 ڏسو صفحو 5

دوڙ مان چونڊيل ايم پي اي ڊاڪٽر عذرا افضل پيچوهو پاران مختلف ماڻهن سان تعزيت ڪئي

دوڙ (ن ع) دوڙ تعلقي دوڙ جي چونڊيل ايم پي اي صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا افضل پيچوهو پنهنجي تڪ جي دوري دوران دوڙ پهچي اڳوڻي ڪائونسلر حاجي محمد اڪرم بلوچ سان سندس والد حاجي
بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

شهدادپور علاءُ الدين جوڻيجو جي قتل ٿيل هيڊ ماسٽر جي وارثن سان تعزيت

پوليس حراست هيٺ استاد جو قتل وڏي زيادتي ٿي آهي: علاءُ الدين جوڻيجو

ايس ايڇ او غلام شبير دلواڻي سميت ٻين جي ڪوشش ڪري ضمانت رد ڪرائينداسين

شهدادپور (ن ع) پ پ پ ايم اين اي علاوه الدين جوڻيجو شهدادپور پوليس حراست دوران فوت ٿيندڙ هيڊ ماسٽر چام عزيز جکرو جي ٽڏي تي تعزيت لاءِ پهچي ويو پوئين سان اظهار ڪجهتي جو اظهار ڪندي علاوه الدين جوڻيجو چيو ته پوليس حراست هيٺ استاد جو قتل وڏي زيادتي ٿي آهي ايس ايڇ او شهدادپور غلام شبير دلواڻي سميت ٻين جي ڪوشش ڪري
بقايا نمبر 54 ڏسو صفحو 5

نوري آباد پريس ڪلب جو صدر عبدالعزيز پالاري لاڏاڻو ڪري ويو

نوري آباد (ن ع) نوري آباد پريس ڪلب جو صدر ۽ سينيئر صحافي عبدالعزيز پالاري دل جو دورو پوڻ سبب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جو اباڻي ڳوٺ موٽڻ پالاري ۾ جنازي نماز ادا ڪئي وئي سندس جنازي نماز ۾ صحافتي سياسي سماجي علمي ادبي مختلف برادرين جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

وڳڻ لڳ هٿيارٻند نوجوان کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

وڳڻ (ن ع) وڳڻ لڳ ڳوٺ ڦرڙي هاشم وٽ انڊس هاءِ وي تان نامعلوم هٿيارٻند ڳوٺ ڦرڙي هاشم جي رهواسي نوجوان وڪرم خاصخيلي کان هٿيارن جي زور تي ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل روڪ رقم ۽ موبائل
بقايا نمبر 55 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سوات جو رهواسي جمال سيد پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.